بسم الله الرحمٰن الرحيم

# سجڻ ۽ ساٿيھ

**شاعر:**

**غلام رسول ٽالپر ”غريب“**

**ڪمپوزنگ:**

**مير آفتاب احمد ٽالپر**

**اليڪٽرانڪ اي بُڪ پبلشر:**

**وائيس آف سنڌ**

www.voiceofsindh.cjb.net

هن ڪتاب کي ڪنهن بہ ٻي ويب سائيٽ ۾ ڏيڻ کان اڳ ۾ ”وائيس آف سنڌ“ (www.voiceofsindh.cjb.net) جو حوالو ڏيڻ ضروري آهي.

**رابطي لاءِ:** editor@voiceofsindh.cjb.net

**سڄڻ ۽ ساٿيهه، ڪنهن اٿاسي وسري،**
**حيف تني کي هوءِ، وطن جن وساريو.**
**”شاهه“**

# ”انتساب“

پنهنجي والد محترم **علي بخش ٽالپر** رٽائرڊ هيڊ ماستر جي نانءُ جيڪو سخت پيڙائون پوڳي، ٻاٽ اونداهي ۾ لاٽ ٻاريندو ۽ تعليم جا ڪِرڻا پکيڙيندو رهيو. سندس اڻٿڪ محنت جي ئي ڪري مون ۾ ٻين ڪيترن زندگيءَ جي منزل، ماڻُ ۽ مرتبو ماڻيو آهي.

# هڪ گذارش

وائيس آف سنڌ جي هن اي بُڪ ڪارنر ۾ توهان سيني سنڌ واسين کي خوش آمديد. اسان اميد ٿا ڪريون ته توهان دوستن کي هي سلسلو پسند ايندو ۽ توهان جي معلومات ۾ اضافي جو باعث بڻجندو.

وائيس آف سنڌ جيڪا ذاتي نه پر سڄي سنڌ جي حوالي سان هڪ منفرد سنڌي ويب سائيٽ آهي. ٿوري عرصي ۾ وزيٽرس جي تعداد کي ڏسندي انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته هي ويب سائيٽ تمام سٺي مقبوليت حاصل ڪري رهي آهي. جنهن مان هن جي معياري هئڻ جو ثبوت عيان آهي. اسان جي ٽوڙي هن ويب سائيٽ ۾ شامل ٽيندڙ ٻين دوستن جي اِهائي ڪوشش رهي آهي ته هِن ويب سائيٽ کي وڌ کان وڌ بهتر بڻائجي ۽ سنڌي مواد انٽرنيٽ تي منتقل ڪجي. اسان اي بُڪ ڪارنر ۾ ڪافي ڪتاب اڳتي هلي شامل ڪنداسين. اميد ته توهان دوست انهيءَ سلسلي ۾ پنهنجو ساٿ اسان سان شامل ڪندا.

ويب سائيٽ جي لاءِ هڪ عرض اهو ته جيئن ته وائيس آف سنڌ جي ويب سائيٽ جيڪا سنڌي ٻولي ۾ پنهنجي نوعيت جي پهرين ۽ منفرد ويب سائيٽ آهي، سان اجان تائين فري هوسٽنگ سرور تي ڪم جاري رکيو پيئي اچي ۽ اجان تائين ڪوبہ ڊومين نيم خريد ناهي ڪري سگهيا آهيون. اسين چاهيون ٿا ته هن سائيٽ کي فري هوسٽنگ کان هٽائي ڪنهن معياري سرور تان هوسٽ ڪرايون ۽ ڊومين نيم خريد ڪريون پر اِهو اڪيلي سر اسان جي پهچ کان ٻاهر آهي. انهيءَ جي لاءِ اسان توهان کان رضاڪاراڻہ تعاون جا طلبگار آهيون. توهان اِهو تعاون ويب سائيٽ تي موجود اشتهارن تي روزانو وڌ کان وڌ ڪلڪ ڪري، اسان کي ڏيئي سگهو ٿا. توهان جي ٿورڙي توجہ ۽ محنت هن ويب سائيٽ جي مستقبل ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. توهان جي انهيءَ تعاون مان ملندڙ آمدني کي هوسٽنگ، ڊومين نيم، مواد ۽ اسڪينرز ۽ ٻيون بنيادي سهولتون خريد ڪرڻ لاءَ استعمال ڪنداسين. اسين اميد ٿا ڪريون ته توهان سڀ دوست اسان سان گڏجي اسان جي سنڌي ٻولي جي بقا ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا.

ايڊيٽر وائيس آف سنڌ
مير آفتاب احمد ٽالپر

www.voiceofsindh.cjb.net

# فهرست


- بيت . . . . . . . . . . . . 5
- وايون . . . . . . . . . . . . 7
- ڪافيون . . . . . . . . . . . . 11
- دوها . . . . . . . . . . . . 23
- گيت . . . . . . . . . . . . 24
- غزل . . . . . . . . . . . . 25
- قطعا . . . . . . . . . . . . 44
- نظم . . . . . . . . . . . . 46
- آزاد نظم . . . . . . . . . . . . 108
- مزاحيہ نظم . . . . . . . . . . . . 117

# بيت

تو کھڙي پچين ڳالھ، پرديسي پرين جي،
هوتيا هُت هميش، منهنجو من ملال،
سهڻل سندي سک ۾ هيٺا ٿيئڙم حال،
وِڇڙيا ويل اوڏي ته ٻه سمجهان سچو سال،
وڃي پسان پرين کي کو والي کري وصال،
هو ڏک نه ڏسن کوئي، سکيا هجن شال،
قرب پري ڪچهري کا کريون قيل مقال،
مَڏيون مِڙئي مال، پوءِ صدقي کريان سهڻل تان.

پکيءَ جي پرديس جا سي مور نه وسرن مون،
هک ته پوليون پورن منڙيون پي سمهڻ نه ڏي سونهن،
تن سپنن جي سيج سان منهنجي وِندر ۽ ورونهن،
قادر کجاڻ تون، منهنجو ميلو محبوبن سان.

پرديسي پکين جا مونکي پَل نه وسرن پَک،
هلٽيون تن ”هَنجَن“ جون ۽ لوڏون لهن لَک،
اداسي هي اک، ٿي وهائي نديون نير جون.

پرديسي پکين جا مونکي پل نه وسرن پير،
مون ويني ويا ورهيه ٿي جتي ”هَنجَن“ پيل هير،
مُندون موٽي آيون کئي آديسين اوير،
پرديسي پکين کي مون ساريو اڄ سوير.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

واريو واڳ وطن ڏي ھاٽي دم نہ ڪريو دير،
غمن ھِت ”غريب“ سان واري وڏو وير،
سھندو ڪيسين ڪير، ھي دلبر درد فراق جا.

پکيءَ جي پرديس جا سي ولر ڪري ويا،
وجي سي ولائِت ۾ ٽانيڪا ٿيا،
مون کي پور پيا، اڄ انھن آديسين جا.

توسان ناتو نينھن جو تہ اَصلئون آ عجيب،
عاشق آ اوھان جو غلام رسول ”غريب“،
چورين ويٺا توکي، منھنجا روز رقيب،
متان ھاڻ حبيب، تون ٽوڙين دل ”ٽالپر“ جي.

ٽوڙين دل ”ٽالپر“ جي متان محب مٺا،
تنھنجي لاءِ لالڻ مون سَوين سور سَٺا،
تنھنجي فرقت ۾ تہ مون ڏاڍا ڏک ڏٺا،
اُداسي اکين مان وڏا مينھن وَٺا،
جي تنھنجي قرب ڪُٺا، آءُ بہ ھڪ اُنھن مان.

ڏورئون ڏنگ مَ مونکي قاتل تي قريب،
لاھيو سانگ سسيءَ جو ويٺو آ ”غريب“،
عاشق رھن جَيئرا، مِٺا سي مري بہ،
پلا مون نصيب، جي مارين مِٺا مونکي.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

# وايون

ڪوندر ڪنڌ ڪپائي پنهنجا، مانجهي ماڳ بچائي آيا.
ناتو نينهن سان نڀائي آيا.

اِنالحق جي نعري سان سي سوريءَ سيج سجائي آيا،
ناتو نينهن سان نڀائي آيا.

رَت جو ريٽو، دريا دولهه، پورب پاسي وهائي آيا،
ناتو نينهن سان نڀائي آيا.

ڪَشتي ڪُن مان تاري تارو ساحل ساڻ لڳائي آيا،
ناتو نينهن سان نڀائي آيا.

تِن ڪي لَڪ واڏايون جيڪي سُک جي جوت جلائي آيا،
ناتو نينهن سان نڀائي آيا.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

ڪانتي منجھ آه ڪاڻ او سائين!
ڪانتي منجھ آه ڪاڻ!
موڳا وجھ نہ ماڻ او سائين!
ڪانتي منجھ آه ڪاڻ!
پورا پئي پُڙ آڻ او سائين!
ڪانتي منجھ آه ڪاڻ!
جاچي ڏس تون پاڻ او سائين!
ڪانتي منجھ آه ڪاڻ!
هوش بہ تون ڪر هاڻ او سائين!
ڪانتي منجھ آه ڪاڻ!
وڃي ويندءِ واڻ او سائين!
ڪانتي منجھ آه ڪاڻ!
ڦِتندئي تانتو تاڻ او سائين!
ڪانتي منجھ آه ڪاڻ!
ٿي نہ صفا اڻجاڻ او سائين!
ڪانتي منجھ آه ڪاڻ!

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

دل جا درد دل ۾ سانديو سور وتان،
ڪنهن کي ڪين چوان.

سينو سوز ساڙيو، نہ ٻاهر ٻاڦ ڪيان،
ڪنهن کي ڪين چوان.

من ۾ مچ مچن، پيو سورن ۾ سڙان،
ڪنهن کي ڪين چوان.

پلپل پور پون، پيو پورن ۾ پچان،
ڪنهن کي ڪين چوان.

دم دم توکي ساريو، ٿو سڪ ۾ سڪان،
ڪنهن کي ڪين چوان.

”ٿوهر“ چون ٿا مونکي، ڪنهن کي ڪين وٽان،
ڪنهن کي ڪين چوان.

پنهنجا ”غريب“ غم هي ويٺو لڙڪ لڪان،
ڪنهن کي ڪين چوان.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

ڏوتيئڙن جي ڏيهه منجهان، ويندا ڏولارن جا ڏينهن،
شابس ڙي او! منهنجا شينهن!

ماروئڙن جي ماڳ متي، وسندا محبت جا ڪي مينهن،
شابس ڙي او! منهنجا شينهن!

مشڪل ڪي ڏي منهن تون مانجهي، همت هاري ويهه م هيئن،
شابس ڙي او! منهنجا شينهن!

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

# ڪافيون

عشق! توبھ زاري زاري،
جر اکين مان جاري جاري.

پرين ڏي مون پاتي جھاتي،
ڪُنڌيڙيون جھڙيون ڪانَ وڪاتي،
نينھن جو نشو طاري طاري.

تنھنجا محبت ھي مِھڻا سِھڻا،
لوڪ جي ليڪي آھن لھڻا،
سِر تي تاج — خواري خواري.

ڪاڏو پيتو مور مون ناھي،
عشق جڏھن ڪان آيو آھي،
عمرائين مون گھاري گھاري.

نينھن "غريب" آ اوکو ڏاڍو،
وڻ وڍڻ لاءِ جيئن ڪو واڍو،
بار برھ جو باري باري.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

ڪري ياد اڄ سي زمانا پراڻا.
سندم نيڻ آهن ٿيا آب هاڻا.

پرين پاڻ جيڪي ڪيو نسين ڪچهريون،
اجا تائين مون کي سچڻ سي نہ وسريون،
اهي هنڌ جايو ٿلها سڀ ٽڪاڻا.

جدا پاڻ جانب نہ ٿيندا هياسين،
پيا جام محبت جا پيئندا هياسين،
هئا مونکي وڻندا مِٺا تنهنجا ماڻا.

سَمو اڄ سو مون کي وري ياد آيو،
جڏهن تو ٿي مون کان مِٺا موڪلايو،
تڏهن نيڻ تنهنجا رُنا ها نماڻا.

جدائي جون ڳٽيون ڳري نيٺ ويندس،
"غريب" هت غمن ۾ مري نيٺ ويندس،
سوين سور سيني ۾ آهن ساماڻا.

اچي محبوب مون وٽ جي ٿئين مهمان بسم الله،
ڪيان ڪُل مال ۽ دولت صدقي جان بسم الله.

ڪسي دلڙي پوءِ دلبر! دغا دوکو رِوا ناهي،
نپائين توڙ جي مون سان مڃان احسان بسم الله.

ڪُسڻ ڪان مون ڪڏهن ناهي نٽايو نينهن ۾ سائين!،
تِڪا يَل تير تبرن جا ڪَشي هڻ ڪانَ بسم الله.

مريضِ عشق کي ناهي طبيبن جي ضرورت ڪا،
سندءِ ديدار ۾ دلبر! ڏيو در مانَ بسم الله!.

وجي جي ٿي پساهه پورو "غريب" تنهنجي اچڻ کان اڳ،
قبر منهنجي مٿي پڙهجان اچي قرآن بسم الله.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

دلبر ايندا درشن ٿيندا،
محبت مُتيءَ سان موتي ملندا.

دردن کانپوءِ خوشيون ايندديون،
اڱڻ اسان جي عيدون ٿينديون،
پرديسي جڏھن پير پريندا.

رات اونداھي روشن ٿيندي،
چاندوڪي پوءِ پکڙي ويندي،
ڪِرڙ ڪَندي تي ڪِرڻا پوندا.

رات ڪاري تي رڻ ۾ رولي،
سج نڪرندو پَرڙا کولي،
سورج مُکي پوءِ سِرڙو کڻندا.

”غريب“ جن لاءِ جان جلائي،
قرب ۾ ٿيندي پال پلائي،
سھڻا گڏجي سور سليندا.

آئون تہ رھنديس ڪا نہ ھت ڙي اديون،
منھنجو وٺي ويا جاني جت ڙي اديون.

ڏيرن جي تہ مون ڪا نہ سمجھي زباني،
انھن جي تہ ڏاڍي ڪيم ميزباني،
ڪنڊون ڪير خشڪا پت ڙي اديون.

سمھڻ ساڻ مونکي وٺي نند ويئي،
وري ڪا نہ مونکي سجاڳي ڪا، ٿيئي،
موڳي ھئي ڪا منھنجي مَت ڙي اديون.

ڏنو تو آ دوکو نہ کھڙو زمانا!
اسر ويل اوٺي اٿي ٿيا روانا،
”ڪَرھن“ کي ڪُرڪڻ جي نہ گت ڙي اديون.

پنيور ۾ ھاٿي ھِتي پينگ آھي،
پنھون جي مان پويان، وجان ٿي ڪاھي،
روئان ”غريب“ آئون ٿي رَت ڙي اديون.

وري مون کي مارو مٺا ياد آيا،
وڏا مينهن منهنجين اکين اڄ وسايا.

وسارڻ سان کنهن پر وانگي مون نہ وسرن،
اباڻن جا اُلڪا اندر ۾ ٿا اُسرن،
وچان ملڪ موٽي، اهي روح رايا.

مُٺو من هي منهنجو تہ محلن ۾ ماندو،
سنگهارن کان کنهن پي سنهيو نہ آندو،
هِتان ڪانگ ڪيئي، اٿم او اڏايا.

سهيلين جي صحبت سندا سب سمان ڙي،
وڃي سي تہ واپس وطن مان ڏسان ڙي،
هُتي هيل هوندا هو ڏوٽي ڏکايا.

هِتي قيد ڪوٽن، نذر هي نماڻي،
وٽي ڪو نہ مونکي هتي جو تو پاڻي،
وڏا ويل مون سان عمر! تو وهايا.

ڪکر ڪُنڊ کان ٿي وٺو رات ڪڙڪي،
پکيءَ ٿي پکن ڏي وچان شال ڦڙڪي،
اباڻن ”غريبن“ هوندا هَر هلايا.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

جُڳائن ٿيو جاني نہ تو کي جفائون،
مِٺا مُرڪي مون سان تون ڪر ڪي وفائون.

سنڌ ۾ سک سُهڻا ويو سُک مون صافي،
ڀَڏي پنھنجون ٻانهون وڻان مان تو معافي،
ٿِيون گجي آهن ڪي مون کان خطائون.

سورن ۾ تہ سهڻا سچو سور آهيان،
ٿيو تنهنجي محبت ۾ مجبور آهيان،
وري ٿيون محبت جون مارن بلائون.

حسرت ۾ منھنجي هلي وئي حياتي،
جيئڻ توريءَ جاني تہ جيئري مماتي،
هجن شال حق ۾ ڪي رب جون رضائون.

تو هر دم هينئون هت حبيبن کي ساري،
”غريب“ هت غمن ۾ تو تِن کي پڪاري،
ٿين شال پوريون هي منھنجون دعائون.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

گھران تو دعائون ڪٽيون ھٿ ھميشہ،
سُکيا شال سھڻا ھجن ھُت ھميشہ.

حياتي ۾ ھر دم مزا شال ماڻن،
خوشين جا خزا ھُجن شال ساڻن،
خدا کان گھران تو نَميونِت ھميشہ.

سندس جيڪي دشمن وڃن شال مري ڙي،
عجيبن کي اذيت اچي ڪين ذري ڙي،
پيارن جي پَروَر رکين پت ھميشہ.

سندن دل ۾ منھنجي ھجي سڪ سمايل،
اکيون پيي رھن شال انھن جون اجايل،
رکن چاھ مون سان منجھان چِت ھميشہ.

ڪري قرب مون سان تہ ڪن ڪا وفائي،
”غريب“ سان غمن ۾ ھجن حال پائي،
ڪريو ياد يارن رُئان رَت ھميشہ.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

وٽي وو تہ ڪيچي هتان هوت ويئڙا،
روھن منجھ رُلي ڙي هيٽان حال ٿيئڙا.

ڏيرن جي تہ ڏاڍي ڪيم ميزباني،
هيس ڙي تہ آئون بنھ بيزباني،
اصل ڪان ڪي اوٺي دغا باز هُيئڙا.

ويا ڪيچي ڪَرھا ڪلھ را ڪاھي،
لُٽيو ماڳ منھنجو هتي هاڻ چاھي،
اديون مون سان قسمت وڏا ڪيس ڪيئڙا.

نڪي ڏوھ ڪنھنجو لِکيو لوح لوڙيان،
ڏيو مان تہ ور ورِ وٽَي واٽون وُوڙيان،
ٽي پايان مان پل پل لَڪن منجھ لِيئڙا.

گذاريا جي گڏ مون نہ تا ڏينھن وسرن،
غمن جا "غريب" هي تتا ڏينھن گذرن،
پنھل جا تہ پل پل مون ڪي پورپيئڙا.

ڏيئڻي ٿِئي تہ ڏي تون دل، متان پوءِ ھٽين ھٽڙا،
جواني ٿئي گھڙيون ڪي پَل، متان پوءِ ھٽين ھٽڙا.

ڏُک، درد اي دلبر! ڪڏھن سانديي نہ ھَن رکبا،
سچڻ جيڪي ھجن پنھنجا، اُنھن سان ئي آھن سَلبا،
سَلٽا ٿئي تہ ويھي سَل، متان پوءِ ھٽين ھٽڙا.

بنا ڪنھن لوڀ لالچ جي اسين ويٺا ونديون محبت،
مِٽي سان ٿَئي مِٽا ڏاڍي، چڪي ڏس تون چڱي چاھت،
ڪري جُز مان ٿي ساڪُل، متان پوءِ ھٽين ھٽڙا.

مِٽا مُنھن تون جي موڙيندين، ھليو آئون ھِتان ويندس،
ڏوراپا نہ ڪي تو ڪي ڪڏھن، آئون وري ڏيندس،
مِلٽو ٿَئي تہ آءُ تون مِل، متان پوءِ ھٽين ھٽڙا.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

اوھين محب آھيو مغرور ماڻھو،
اسين عشق وارا مجبور ماڻھو.

اکين مان جو آھي اوھان يار اوتيو،
اسان سوئي آھي نشو نينھن پيتو،
اسين آھيون محبت ۾ مخمور ماڻھو.

اوھانجن تہ وارن وڏا ونگ آھن،
وجھي ونگ ڏاڍا ھنيا ڏنگ آھن،
اسين آھيون چا ڪن ۾ ٽيل چُور ماڻھو.

اوھان جي آ عادت جفائون، ستائڻ،
اسان جو آ شيوو وفائون، نڀائڻ،
اسين سور سھندي بہ مسرور ماڻھو.

سچو شھر آھي مون ڳوليو گھڻو ئي،
مليو ”ٽالپر“ کي نہ غمخوار ڪو ئي،
سَلي ويھي جنھن سان کي ڏک سور ماڻھو.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

وڃي ڪانگ ڪھجان، ھي نھينھن جو نياپو.
سوا تنھنجي سھڻا جڏو جيءَ جياپو.

ڏنم يار ڦيرا سوين تو اوتاري،
ڏٺم ڪونہ مُنھنڙو سڄڻ ڪنھن بہ واري،
متان محبت مونکي ڏيئن تون ڏوراپو.

سدا سور سيني اندر باھ ٻاري،
وڇوڙي ۾ دلڙي ڪري چا ويچاري،
متان اڄ تون دلبر ھي لاھين لاڳاپو.

اندر منھنجي پلپل پون پور تنھنجا،
ويا وھم ويڙھي سوين سور تنھنجا،
خبر چا نہ ٿيندو ھن ڪان اجانپو،

ھميشہ ھجن شال قائم ھي رشتا،
”غريب“ جا اگھامي وڃن شال گفتا،
ازل ڪان اسان جو تہ آھي ڳنڍاپو.

# دوها

ڏينهن ڏٺي جو ديپ جلايو، ٿو شهر ۾ واٽون ووڙيان،
ڪاڻ انهي جي، من ڪو محرم راز ملي، جنهن سان پنهنجو اندر اوريان.

هر ڪنهن پنهنجو سُر ڪنيو آ، ڪو نه ٻُڌي ڪو ڪنهنجي ٿو،
مون جيان گهايل هر ڪو آهي، جو پِرت پڇاري پنهنجي ٿو.

وڻ هتي ڪو اهڙو ناهي، هجي نه جنهنکي لوڏيو واءُ،
هر ڪا دل آه درد جو ديرو، پيار جو هر هنڌ آ پڙلاءُ.

گهڙيءِ گهڙيءِ ۾ ميل تين ٿا، گهڙيءِ گهڙيءِ منجهه فراق،
ڪٿي ڪٿي آهن گيت خوشي جا ڪٿي ڪٿي ٿا چِڪن چاڪ.

سچ اُبري ٿو، سچ لهي ٿو، ڪانهي سچ کي ڳِٽي ڪائي،
اسان جي اندر ۾ ته ٻارڻ ٻري ٿو، جو گهورن دل آگهائي.

پنهنجي آئون واٽ وٺيو وَيس ڪا نه هئي ڪا مونکي ڪل،
اوچتو آيو باز شڪاري، جهپي سان ويو جهٽي دل.

بنا ڏوهه جي قيدي بنيس ڪيڏا ڪيڏا آهن ڪلور،
هو، شوڪاري سان شوڪري ويو، آئون ڏسندي رهيس گهور.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

# ڳيت

سانجهي ٽاٽي ساجن ساري،
وينگس ويٺي واٽ نهاري.

رات اونداهي گهپ انڌيرو،
درد ڪري ويا دل ۾ ديرو،
ڦوهه جواني ويٺي ٻاري.

رات چانڊوڪي، ٽڙيون هيرون،
ساجن بن دل، چيرون، چيرون،
ڪيئن اڪيلي گهر ۾ گهاري.

رات مينهوڳي ڪِنوٽون، گوڙون،
پيئي اڱڻ تي پائي ٻوڙون،
وِڄو وچوڙي ماڳهين ماري.

رات سيارو، پارو پارو،
ڏيل ڏڪي ٿو، تو بن سارو،
ٺار وِڄو آهه ڏاڍو ٺاري.

آءُ ”غريب“ تون جلدي، تو بِن،
ڪريو قابو پنهنجو جوڀن،
وينگس ويٺي وقت گذاري.

# غزل

منهنجا مور نہ منهنجا نڪتا،
پنهنجا آخر اَهِنجا نڪتا.

دل ڪسي پوءِ دوکا ڏيئي،
جنهن جا ها سي تِنهنجا نڪتا.

مون هو سمجهيو ماريو غيرن،
پردي پويان پنهنجا نڪتا.

مقتل مان ويا ليدر ڪِسڪي،
لاشا هِن جا هُن جا نڪتا.

رهبر رڻ ۾ رولي ويو، پر،
رستا سارا سَهنجا نڪتا.

طوفانن مان پار پياسين،
اوچا ڀاڳ اسان جا نڪتا.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

ستائي ستائي سدا تون زمانا،
چڏي نيت ويندا ھي بستي بيگانا.

وٺي راھ راھي ھي ٽيندا روانا،
۽ محبت ۾ مرندا تہ مُرڪي مستانا.

جتي پي تہ ھوندو او روشن ڏيئو ڪو،
اچي سر گھوريندا انھيءَ پل پروانا.

اسين وقت ساقي! گذاري وينداسين،
نہ رھندي ھي محفل نہ ڪي ھي پيمانا.

اسان وٽ اِشعارن جي محفل آ باقي،
اوھان جا اي ساقي! ھي فاني مئيخانا.

پڇي ٿي پري تون اسان ڪان اي، ناصح!
اسين دل جا آھيون ازل ڪان ديوانا.

وٽي لڳي واءُ هِت،
اڱڻ پرين آءُ هِت.

وَسيو آهي وطن هيل،
سرها ٿيا سڀ ساھ هِت.

وڇوڙي ۾ آهن سور،
وصل ۾ آه راحت.

نہ ٿي چاڙي ڪي رَسمون،
چري هوندا آ چاهت.

اُجها اچي اندر جي،
لڳل برھ باھ هِت.

ڏکن جا ٻ - تي ڏينھن گھاري ويندا سين،
ھي ڪشتي ڪُنن مان اُڪاري ويندا سين.

ڪنداسين نہ ڪنھن کي ڪڏھن منت يارو،
حياتي ھمت سان گذاري ويندا سين.

صفا سچ تہ ظالم کي منھن تي چئي اڄ،
سدا ھي تہ سوريءَ سينگاري ويندا سين.

ھجي پل تہ ڪيڏو ٻ پھرو پرين تي،
دري دل جي کولي نھاري ويندا سين.

ڪنديون نيٺ آھون اثر ھي اسانجون،
اسان آسمان کي ٻ ڏاري ويندا سين.

”غريب“ ! اڄ غمن سان وڏي جنگ جوٽي،
جڏو جيءَ پنھنجو جياري ويندا سين.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

ڪيم رات ساري ستارن سان ڳالھيون،
پيارن، نيارن نظارن سان ڳالھيون.

ڪيون مون ڪونجن جي قطارن سان ڳالھيون،
ڪڏھن ڪوھسارن سان يارن سان ڳالھيون.

اسان سان عجيبن ڪيون ھن ھميشہ،
تبر، تيغ، تيرن، ترارن سان ڳالھيون.

لڳي باھ ڪينجھر سجي ڪي تہ ويئي،
ڪيون مون جڏھن ٿي ڪنارن سان ڳالھيون.

ھتي ڪو نہ ھمدرد، ھمغم، ڪيون مون،
وڃي عاشقن جي مزارن سان ڳالھيون.

ڪري رازدان تو، ڪيان راز جون مان،
پيرِ، پيرِ، لاٽن، ليارن سان ڳالھيون.

خدايا! اڄ تنھنجي خدائي ۾ مون ھت،
ڪيون حالِ دل جون ھزارن سان ڳالھيون.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

تو کان سواءِ مان بہ گھاري، سگھان ٿو.
دلبر ھي دِلڙي ڏتاري سگھان ٿو.

سچڻ ياد تنهنجي جا دل ۾ سمائي،
عجيبا! انهيءَ کي بہ ٿاري سگھان ٿو.

سورن سندي هن ساگر منجهان مان،
حياتي جي ٻيڙيءَ اُڪاري سگھان ٿو.

اثر کان نہ آهن هي نغما مون خالي،
مئل دل اجا پي جياري سگھان ٿو.

ٺئين تون جي سنگدل تہ چا ٿي پلا پيو،
گيتن سان ڏونگر بہ ڏاري سگھان ٿو.

ڪري ٿو جو تو کان حقارت "غريب"،
ائين مان بہ ان کي ڏِڪاري سگھان ٿو.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

هن حَسين جي ناز کي سمجهي وٺو،
دل جهٽيندڙ باز کي سمجهي وٺو.

سونهن وارن اڄ ڪيو سينگار ڇو،
عشق وارا! راز کي سمجهي وٺو.

راڳ ٿا ڪيئي هتي ڳايا وڃن،
سوز واري ساز کي سمجهي وٺو.

وقت ٿو پلپل پڪاري دوستو!
”وقت جي آواز کي سمجهي وٺو.“

(طرحي)

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

اسان بي سُرن مان آ بيزار ھر ڪو،
ڪري ٿو نفرت جو اظھار ھر ڪو.

اسان جي نہ محبت جو ڪنھن وٽ قدر آھ،
ٿو ٺُڪرائي اسان جو ھتي پيار ھر ڪو.

اسان کي ھتي سڀ ئي ٿوھر چون ٿا،
خود کي سمجھي ٿو بيخار ھر ڪو.

اسان کي ھتي سڀ ستائن ٿا سھڻا،
سونھن جو سمجھي ٿو سردار ھر ڪو.

ھتي ڪو نہ ھمدرد ھمدم مليم اڄ،
"غريبن" جو ڪونھي ڪو غمخوار ھر ڪو.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

مرضي جو آن مالڪ منڻا تو تي ناھي منھنجو زور،
پيار ڪرين يا ڌار ڪرين، تنھنجي مرضي منھنجا مور.

پاڻ ڌاڍي سان ھٿ اٽڪائي مون تہ برابر ڪئي ناداني،
پٿر سان جي شيشو لڳندو، پڇي ٺينڊو آخر پور.

منھنجا دشمن تنھنجي دل ۾ دم نہ تو ڪان دور ٿين ٿا،
وھمن تو کي ويڙھيو آھي، چورين ويٺا تو کي چور.

آيس تنھنجي اوتاري تي، آسن جا آئون اُٿ قطاري،
منھنجو مدعائون پوريون ڪر، نہ جيءَ جفا ۾ جانب جھور.

مون تہ تو کي گل ڏنا ھا، تو سجايا مون لئہ خار،
وفا، جفا، سڀ عالم آڏو تارازي ۾ تنڪي تور.

ساقي! جلدي پيار ڪا سرڪي، مھمانن جي منھن مان نڪتو،
پير اندر مون جيئن ئي پاتو، مئخان ۾ ھو ڏاڍو شور.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

آيو هوندو ڳوليو هوندئين،
مون کي نہ شايد ڏٺو هوندئين.

هو تہ برابر آ ماندو مون لاءِ،
جهوتون پائي پڇيو هوندئين.

خواهشِ وصل تہ هو رکندو آهي،
ڪناره ائين ڪيئن ڪيو هوندئين.

ڪاش! ملي ها مونکي منهنجو،
ايترو تہ ضرور چيو هوندئين.

مون تہ ڪيون ٿي ڪئين ڏاڍايون،
سور صبر سان سٺو هوندئين.

دل جذهن پي پرجي آيس،
چُپ چُپ ۾ ئي رُنو هوندئين.

اي گل! او مُکڙيون ۽ گلزار خدا حافظ،
خزان سان ٿي پيو اڄ تڪرار خدا حافظ.

ڪيم حق جي تقاضا هِت تہ بنجي ويس ادا باغي،
منهنجا ساٿي! منهنجا سردار! خدا حافظ.

آهن مچ، سچن ۾، مچن سان مون آ جوٽي جنگ،
منهنجا دوست! منهنجا دلدار! خدا حافظ،

مصيبت جي ڪوه ۾، ڏنو آهي، تپو مون اڄ،
منهنجا محبوب! منهنجا منٺار! خدا حافظ،

سورن جو ذڪر ڪيم، اچي سوريءَ ويئي آڏو،
هٽي نينهن جو نعرو ٽيس نروار خدا حافظ.

باغي جو مليو لقب، ڏني ويئي ڏيھ نيڪالي،
بغاوت جو وڏي واڪي ڪيم اقرار خدا حافظ.

اونداهي رات ڪاري سان، وڙهيس ڏاڍو صبح خاطر،
نہ لکيو آ زخمن جو نہ ڪي اَذڪار خدا حافظ.

باغي جو جي ٻُڌو نالو تہ ڪجو پيا ياد ”غريب“ کي،
آخر ۾ اها التجا آهي يار خدا حافظ.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

اھو الزام مون تي، تہ مون آ خطا ڪئي،
ڇئو پلا ڪھڙي تو مون سان وفا ڪئي.

ھر وقت تو سان رھيو ساٿ آھ منھنجو،
مگر چڱائي ناھي، تو مون سان اجا ڪئي.

تو وٽ محبت جو خزانو ڪٿل آہ،
مون ئي تہ پيار جي پي آھي سخا ڪئي.

تو ئي تہ سورن جو سامان ڏنو آہ،
مگر ماٺ مون پي آھي صفا ڪئي.

زبان سندءِ تي، آھي منھنجي شڪايت،
ڪڏھن ڪا نہ مون ڪا تنھنجا گِلا ڪئي.

حريفن جي ھشيءَ تي، تون ئي رٺين ٿي،
صُلح جي سدائين، مون پئي صدا ڪئي.

رقيبن سندم سان رھيو ساٿ تنھنجو،
تو تان تڏھن پي مون جان پي فدا ڪئي.

چِنڻ جي، اھا تنھنجي من ۾ مدعا آہ،
”غريب“ آھي، نباھڻ جي رسم پي ادا ڪئي.

✦ ✦ ✦ ✦

نہ مون سان زماني ڪڏھن ڪا وفا ڪئي،
جفا، ئي! جفا، ئي! سدا پي جفا ڪئي.

نمازِ وفا مون نہ آھي قضا ڪئي،
رسم ھي نيائڻ جي مون پي ادا ڪئي.

ملي جُرم جنھن جي ٿي مون کي سزا اڄ،
خبر ناھ مون کي، مون ڪھڙي خطا ڪئي.

ڪڏھن ڪين مون آڪُسڻ کان نٽايو،
سدائين سِسي مون تہ تو تان فدا ڪئي.

تو کان بيک - محبت وٽڻ واسطي، اڄ
سويلو سندءِ در تي سائل صدا ڪئي.

ستارن ئي چندب کي آھي برغلايو،
حقيقت ھي مون سان تہ ارض و سما ڪئي.

غمن کي عمر پر جي ساندڻ لئہ تو کي،
”غريب“! آھي دلڙي خدا ھي عطا ڪئي.

✦ ✦ ✦ ✦

دل ڏيان دلدار ڪونھي ڪو،
ھن زماني ۾ يار ڪونھي ڪو.

درد الفت ۾ تو روئندي گذاريان،
پيارو محبت ۾ قرار ڪونھي ڪو.

ڪوچ ڪريون ھاڻ اچو اھلِ محبت!
پاڻ سان ڪنھن کي پيار ڪونھي ڪو.

واعدا ھزارين، پورا نہ ڪيائون،
مون کي ڪنھن تي اعتبار ڪونھي ڪو.

جام تي جام جي ڪر ساقي نوازش!
ھوش ۾ آھيان خمار ڪونھي ڪو.

حالِ دل ھاءِ! اچ ڪنھن سان ڪريان مان،
ھت ”غريب“ سندو غمخوار ڪونھي ڪو.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

تنھا تنھا تاريڪين ۾ رستن تي مان رُلندو آھيان،
ديوارن کي درد ٻُڌائي، ڏار اُنھن ۾ وجھندو آھيان.

منھنجو سانول سوڍو سائين سالن کان آه وڇڙيل مون کان،
پنھنجي چنڊ جي ڳولا ۾ ڏس تارن کان آئون پڇندو آھيان.

ھي سندر سپنا منھنجي من جا مونکان ٿي ويا چوري الا!
ساريون راتيون جاڳي آئون لوڪ سُتي پوءِ لُڇندو آھيان.

دردن جو آ دل ۾ ديرو، آھيان آئون ٿيو ديوانو،
ديوانن جي بستي ۾ مان روز ازل کان رھندو آھيان.

فرقت جا ھي فاني لمحا، نيٺ تہ واءُ وصل جو ورندو،
آس انھيءَ تي آئون يارو جُڳ، جُڳ، جُڳ ۾ جيئندو آھيان.

دنيا پھرين درد آ ڏيندي، پوءِ ڪندي آ "ياسي گھوڙا"،
دنيا جي ھن حالت تي آئون روئي روئي کِلندو آھيان.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

اسان کان ڪڏهن بيوفائي نہ ٿيندي،
قَسم آهہ تُنهنجو ٻيائي نہ ٿيندي.

ڪري توسان الفت جو اظهار وينس،
حقيقت حقيقي لِڪائي نہ ٿيندي.

مرڻ دم بہ تو کي پڪاريندو ويندس،
ڪڏهن ياد تُنهنجي ڀُلائي نہ ٿيندي.

ڏُکي آ جا محبت سندي دل ۾ دلبر،
اها آگ ڪنهن کان اُجهائي نہ ٿيندي.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

ٽَڪرن کي ٽاڪي ۽ ٽوڙي ٻه چڏبو،
تقدير پنھنجي کي موڙي ٻه چڏبو.

محبت ۽ خوشين جو عَلم نيٺ سائين!
ھر ڳوٺ بستيءَ ۾ کوڙي ٻه چڏبو.

ھي آشيان اسان جو اُجاڙيو ويو آ،
ھمت سان ٻيھر سو جوڙي ٻه چڏبو.

جي پيچرو پُر خطر آ ته ڇا ٿي پيو،
تو لاءِ وڻ وڻ کي ووڙي ٻه چڏبو.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

پنهنجي سنڌ سان جند جڙي آهه،
پاتي پاڻ ڪا، قرب ڪڙي آهه.

تو سان کهڙي قيل ڪيان مان،
ڪيسين جي سان قيل ڪڙي آهه.

ڏيئي اُڏما اڄ ٻه الاجي،
لُڙڪن جي چو لار لڙي آهه.

سج ٻه اڄ اُداس لڳي پيو،
رات ڪا شايد سام سڙي آهه.

رات ٻه مون سان شريڪِ غم آهه،
جو، هر هنڌ هاريل ماڪ ڦڙي آهه.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

چوڏھين جو مون ڏٺو چنڊ،
مون کي من ۾ لڳو مَنڊ.

منھنجا ويا ائين ڪُپي پير،
جئين جھنگ ۾ جھونو بيٺل بُنڊ.

مون تہ بيٺي جاچيو گھوري،
تارن مُنھن ۾ وڌو گھُنڊ.

دشمن ڪڪرن وانگي روز،
رستي ۾ ھَن وجھندا رنڊ.

ويٺو پلپل پيھان پور،
جيءَ تي چاڙھيو آئون جنڊ.

چا ڪان ايڏو آھين اداس،
ويھي مون سان وره ونڊ.

ڪاوڙ ايڏي نہ ڪر يار،
آءُ تہ ٿيون ٻئي کير ۽ کنڊ.

جستجوءِ وصل ۾ وئي جان منهنجي،
ٿيندو ختم هي ڪڏهن فاصلو.
”غريب“ سان ملي شال حُب مان حبيب،
سندم دل جو دلبر دلي دادلو.

سندءِ در تي سائل آ بيٺو بکيا لئہ،
سخي ٿي جي محبت لُٽائين تہ وہ واہ.
اڄ برباد منهنجي من جو ٿيو گلشن،
وري سوجي سهڻا وسائين تہ وہ واہ.

مون دلڙي ڏني تو درد ڏنا،
سور سوين تو سرد ڏنا.
تو دم دم تي نفرت ڪئي،
مون محبت جا ٿي وَرد ڏنا.

مون پيار ڪيو، تو ذار ڪيو،
تو محبت ۾ لاچار ڪيو.
تو هر دم تي حقير سمجهيو،
مون تہ تو کي دلدار ڪيو.

مون تہ پاڻ کي گهٽ ڪيو،
تو قرب کي آهي ڪَٽ ڪيو.
تون جيئن وڻئي پيو تيئن ڪر،

مون تنھنجي نہ کو مٿ ڪيو.
مون صبر ڪيو تہ جبر ڪيو،
تو بنا ڏوھ جي ڏمر ڪيو.
اسين تہ ھر دم حاضر آھيون،
اسان کي جيئڻ امر ڪيو.

قريبن بہ آھي ڪنارہ ڪيو،
ڇڏيو ساٿ منھنجو پاڳن جڏھن،
وري اڄ کا تخليق تازي ڪيان،
وري درد دل ۾ جاڳن جڏھن.

سچو پيار پنھنجو مان پلٽي ڇڏيان،
اھڙي بہ مون کي کا مورت ملي،
لِکان روز آئون نوان گيت ويھي،
سُٽي سونھن واري کا صورت ملي.

اھي غلط فھميون اھي شڪ شھبا،
ائين يار الفت ۾ ٿيندو بہ آھي.
ڪبو ڏک جدائي جو کھڙو پلا،
وڳر کان کو وڇڙي ويندو بہ آھي.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

# نظم

## ”وطن“

وطن سان نہ جيڪو وفادار ٿيندو،
اهو يار ڏاڍو هتي خوار ٿيندو.

وطن جان پنهنجي وطن آن پنهنجي
وطن مان پنهنجو وطن شان پنهنجو
فدا سر وطن تان هي سو وار ٿيندو.
جتن جاڳ پنهنجا وٺم واڳ پنهنجي
پلو ياڳ پنهنجو، مِٺو ماڳ پنهنجو
سدا سبز سائو هي سو بار ٿيندو.
لنئون لات پنهنجي سچي بات پنهنجي
موذي مات پنهنجو اگر ساٿ پنهنجو
اجا عشق پنهنجي جو اظهار ٿيندو.
ججهي جوت پنهنجي مري موت پنهنجو
ڏسي ڪوٽہ پنهنجو هتي هوت پنهنجو
سدا شاد هر ڪو پڍو پار ٿيندو.
هلي هاڪ پنهنجي سُٺي خاڪ پنهنجي
پلر پاڪ پنهنجو، چِڪي چاڪ پنهنجو
”غريب“ جو جيڪو نہ غمخوار ٿيندو.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

# ”آديسين جا اَهنج“

ڪانگن آڏو ڪنڌ جهڪائي هلندا ڪيسين هنج هِتي،
ديسي سهندا ڪيسين سائين آديسين جا اَهنج هِتي.

سنڌ جا سڻ تون سڏڙا سائين پاڳ پلارا پٽ ـــ ڏٺي،
تنهنجي سنڌ کي گهرج وري اڄ آهي ٽي او گهوٽ گهٽي،
ڏارين جي هٿ ڏوڙ اڏامي، بستي ساري باھ ٻٽي،
پنهوارن جا پلپل پاپي ڏاڙا ويا سي ڏوم هٽي،
جام جڳهيون، ٻنيون ٻارا، ٻيو پڻ ويا سي ڪوڙ ڪٽي،
تو کي سارين سانگي سهٽا صبح توڙي سَنجھ هتي.

پنهنجي گهر ۾ پنهنجي شيءِ جا آحيون ٿيا اڄ پاڻ ئي چور،
ڪالھ هئا جي ٻُڪيا بيحد ظالم سي ٿيا آهن زور،
ڏيساور مان آيا ڏيرا سنڌ امڙوٽ سيئي سؤر،
ڪير ٻ تنهنجو پنهنجو ناهي، ڪنهن سان تون ڪو حال نہ اور،
ماٺ نہ ڪر تون مانجهي پنهنجو سرڙو سنڌ تان گهوري گهور،
تنهن ڪان پوءِ تون ماٽيندين، پر سُک سدائين سَهنج هتي.

ديس ٻ پنهنجو تنهن ۾ ديسي سِڪندو رهي ٿو داٽي ڪاڻ،
ڏوٿيئڙن ڪان ڏاڍ ڪري، او ڪائي ويا سي پاپي پاڻ،
هيڏا پنهنجي هاڙيھ ۾ پرمور نہ سهبا هاڃا هاڻ،
جاڳو جلدي ننڌ مان جوڌا، ويرين جا اڄ وَديو واڻ،

موذي دشمن ماري سڀ تون، موج ھتي پوءِ مانجھي ماڻ،
ڇڏ نہ تن کي تون ڇڙواڳي، ھڪ بہ يا کي پَنج ھتي.

مارونڙن جي ملڪيت مان، ير پاپي ويا سڀ پيٽ پري،
ڪڙمي پنھنجي ڪٽنب جو ھٿ پورائو پر ڪيئن ڪري،
ديسي جي ھَن دل ۾ ڳٽتيون، ٻارڻ ٿو پڻ روز ٻري،
ھيڏي آفت ھچاري ھئہ سانگين سِر تان ڪيئن ٽري،
ظالم سارا ڏڪي ٻوڙيو، سمنڊ جي منجھ سڀ تري،
ڪو پي دشمن ڪڙمين جو ير ڇڏٽو ناھي مَنجھ ھتي.

دودي جي ھن ديس ۾ دشمن ظالم ويا ڏس زور وٺي،
مارونڙن جي ماڳ اندر تن شاھي مچايو شور وٺي،
”ٽيٽھيارن“ جي ”ٽين ٽين“ ھر ھنڌ، خاموشي کي ”مور“ وٺي،
قسمت آئي ڪڙمين تي اڄ دردن وارو دور وٺي،
وانگيئڙن جي ويس جا ويري تاٽي تن کي تَنج ھتي.

ٻاپاڻن جي ٻولي سان ڏس ظالم ڪيڏو زنگ رکيو،
سانگين وارا پوکيل سائين، ڪائين ويٺا سنگ رکيو،
ديسين ساڻ دشمني جو ناھي تِن ڪو ڏنگ رکيو،
نظريا تِن جا نانگن جھڙا، ناھي تِن ڪو نَنگ رکيو،
ھر ھنڌ آھن ويٺا ويري، روپ ھزارين رنگ رکيو،
سانگي پنھنجي ساٿيھ ۾ رھندا ڪيسين رَنج ھتي.

مھمانن کي مان ڏنوسين، من تي ويا سي چوٽ چڙھي،

وانگيئڙن سان وير رکي سي ويري پيا ڪن وار وڙھي،
سانگين جن کي سام ڏنو، سي حملا ڪن ٿا ھاڻ ھڙئي،
سانگين جاڙي سينا سائين، سورن منجھ ويا صاف سڙي،
واندا ناھن وانگي منھنجي ويچارن کان وقت گھڙي،
”تازي“ بنا طلن جي ۽ ”ڊِدَن“ سونا سَنج ھتي.

پاپي پلپل پنھنجي گھر ۾ ھڻن ٿا ھِت گولي ڙي،
باباڻن کي ٻولڻ ٿا پنھنجي ڏين ھي ٻولي ڙي،
ھا ڙيھ وارن جي سي رت سان، کيڏن ٿا ھِت ھولي ڙي،
ڦھري جا ھي قوم ڪِني آه نُونَ نِياڳي نَولي ڙي،
”غريب“ تن کان جان ڇڏائڻ ناھي سا اڄ سولي ڙي،
منھنجن منڙن ماروئن تي گوندر جا ٿيا گنج ھتي.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

## ”جھار“

اچي جھار پيئي اوير کان اُڏاڻي
سنياليو او سانگي! ڪرا ڪيت ھاڻي

اچي پئي ڪروڙين ڪريو سا تہ تولا
فقط تن کي آھي سندي سِنڌ ڳولا
لڳا سنڌ وارا سين کي تہ سولا
ويا ڪي تہ پھچي ڪي اڄ يا سڀاڻي.
ڪري پنيگ ياڻا چڏيندي لُٽي سا
سندم گھڻا سانگي چڏيندي گھٽي سا
ڪڏھن جند ھاڻي نہ سائين ڇُٽي ڪا
چڏيندي ھتي ھاڻ داڻو نہ پاڻي.
گھڻا سال پھرين اڏامي ھا آيا
پري کان تہ پاپين ھتي پير پايا
ڏاڍا موڙ تِن پي اسان کي بَڏايا
صفا ھي بہ ساڳي ڪني قوم ڪاڻي.
سچو پيو خدا جو پيو مُلڪ آھي
تڏھن بہ ھچاري ھتي خلق آھي
ڏتي جنھن جي ھر ڪنھن ھتي جھلڪ آھي
ھي آفت الا ڪنھن اسان ڏي اُماڻي.
سچي سنڌ تنھنجي يلارا يٽائي!
پراون کان آھي پنھنجن لٽائي
ھميشہ ھچارن ھٿان تي ڪُٽائي

ڪٽيو نيڻ تو ڏي نھاري نماڻي.

اٿو ڙي! اٿو ڙي! سگھو ھاڻ سانگي
اوھان کي ڏنگڻ لئہ اچي ويا ھن ڏانگي
”غريب“ ھاڻ غفلت پوندي مھانگي
ڪٽي ھاڻ ھر ڪو ھٿن ۾ ڪانياڻي.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

## ”اُت ! اُت! ھي ڌرتي ڌو وري“

ڪانگن ڪيو آه ڪِن ھتي
وتيون وطن ۾ تِن ھتي
منجھ يار ھاڙيھ ھِن ھتي
آواز آيو ڪو وري.
اُت! اُت! ھي ڌرتي ڌو وري.

ڌارين سندي آه ڌپ ھتي
سُرندا وتن ٿا سپ ھتي
نانگن ڪي نيھي نِپ ھتي
ويري نہ چڏ تون وو وري.
اُت! اُت! ھي ڌرتي ڌو وري.

سانگي مثل ٿيا پوڪ جي
تنھن ۾ جا گُڏ ھي روڪجي
سُڌرڻ نہ ڏيندي سو ڪجي
ڪر صاف سنڌ کي سو وري.
اُت ! اُت ! ھي ڌرتي ڌو وري.

ڌاڙيل ھن ڌرتي سندا
ٿيا سال تن ڪيئي ادا
پي ڪيس تِن ڪئيڙا ڪُڏا
سي چوٽ چڏجن چو وري.
اُت! اُت ! ھي ڌرتي ڌو وري.

سورن چڏيا سانگي ستي
ڏيهي ڏکيا ڏينهن ڪيئن ڪِٽي
پاپين سنديون پاڙون پَٽي
آڻيون ڏينهن سک جو وري.
اُٿ! اُٿ! هي ڏرتي ڏو وري.

اي وير منهنجا ور ڪٽي
ڪوندر اُتو ڪي ڪر ڪٽي
پنهنجا هٿن تي سِر ڪٽي
هن ڪان ڪندا چا پو وري.
اُٿ! اُٿ! هي ڏرتي ڏو وري.

بي حس تي رهندا ڪيترو
۽ چُپ تي وِهندا ڪيترو
سورن ڪي سَهندا ڪيترو
بيدار ٿيو اڄ او وري.
اُٿ! اُٿ! هي ڏرتي ڏو وري.

ڏس ڏس هيءَ تو ڏي پئي ڏسي
سڀ ڪاڄ ويا هِن ڪان ڪسي
پاپين سندا پيڙا پسي
چو ماٺ آه ڪئي تو وري.
اُٿ! اُٿ ! هي ڏرتي ڏو وري.

اٿ تون سِگهو سستي چڏي
تہ مورک وَجن مَستي چڏي
ڪر پاڪ هي بستي چڏي
ڪر تون هڪل هو هو وري.

اُت ! اُت ! ھي ڌرتي ڌو وري.

ساڻيھ سندي اڄ سار لھ
ديسين جي پڻ دلدار لھ
او سار تون ھر وار لھ

اڄ ”غريب“ چوي ٿو وري.
اُت! اُت! ھي ڌرتي ڌو وري.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

## ”اُٿو يارو جاڳو“

اٿي ڏس تون جاڳي
تون جاڳي ۽ واڳي
ته ويا گُم ٿي تارا
او تارا پي سارا
ڪُٿي رات آهي
ٿي پر - بات آهي
ڇڏيو ننڊ نياڳي
نياڳي - اياڳي
ڪريو ڪو اوجاڳو.
اُٿو يارو جاڳو.

اٿي ٻُڌ ٻانگهون
آهن ٻانگن ۾ تانگهون
سڏن پيا تو ساٿي
هو ساٿي ۽ ياتي
اها ڳهر ڳاري
جياري نه ماري
ڪريو ڪا سجاڳي
سجاڳي سياڳي

سَپو تو سياڳو.
اڻو يارو جاڳو.
اُٽي ٻُڌ هونگارون
هونگارون جهونگارون
وڄن واڳ اٽاريو
اٽاريو قطاريو
ڏنارن جون سينديون
هي سينديون ۽ بينون
اها سُستي ساڙي
او! ساڙي، نہ چاڙهي
سڏن چو نياڳو.
اڻو يارو جاڳو.
هَرن ساڻ هاري
هو هاري ۽ ناري
هو ڏاندن جا جوڙا
هو جوڙا ۽ پوڙها
هي ڪرمي ۽ ڪَرڙا
هي هاري ۽ هرڙا
هي مخلوق ساري
آه ڪِتئون قراري
اوهين يي تہ جهاڳو.
اڻو يارو جاڳو.
اٽي وقت وڄي پيو
وڄي پيو وڄي پيو

تون ڪرڪا ڪمائي
ڪمائي چڱائي
اھا آه تقاضا
تقاضا اسان لاءِ
ڪريو قرب ڪاندو
او ڪاندو نہ ٿاندو
جھليو گڏجي ڌاڳو.
اٿو يارو جاڳو.
اُتي سِنڌ سجايو
سجايو وسايو
رکو سنڌ ھي سائي
او! سائي سدا ھي
چوان ٿو وري پي
"غريب" ھي غريبي
ڪريو ھي ختم سڀ
ختم ھي ظلم سڀ
اھو فرض آه لاڳو.
اٿو يارو جاڳو.

## ”ھي ديس“

ھي ديس سَتايل سانگين جو
ھي ديس ويچارن وانگين جو
ھي ديس ڏڪايل ڏانگين جو
ھي ملڪ محبوبن ماروئن جو
ھي ملڪ مٿن منٿارن جو
ھي ملڪ آ وَاڙين وارن جو

ھن ديس جي ڪھڙي ڳالھ ڪريان، ھن ديس جو ھيٺو ھاري آھ، پر ڪان نہ ڪيندو ڪنھن جي ڪڙمي، پولي جنھن پاجھاري آھ.

ھي ديس دولھ دلدارن جو
ھي ديس آھ ڏنڻ ڏنارن جو
ھي ملڪ مٿن مٿارن جو
ھي ديس آ دودن، دودن جو
۽ جانب جوڏن، جوڏن جو
۽ سورھيہ سوڍن سوڍن جو

چا ٿي پيو ڙي ظالم! جي تو سوريءَ اڄ سينگار آهه،
پر ڪاڻ ڪيندو ڪنهن جي ڪڙمي، ٻولي جنهن ٻاجهاري آهه.

هي شهر سپيئي شهزادن جا
۽ سهڻن سانگين سادن جا
هي ڪيت ڪُنپين جي ڪاڏن جا
هي ويڙها وانگين ويرن جا
۽ حشمت وارن هيرن جا
هي، جهڻ، مکڻ ۽ کيرن جا

هن هاڙيھ جي هر حق لئہ هر دم جنگ اسان جي جاري آهه.
پر، ڪاڻ نہ ڪيندو ڪنهن جي ڪڙمي، ٻولي ٻاجهاري آهه.

هي ڏيھ آ، ڌوڙين ڏوٿين جو
هي ڏيھ آ ماڻڪ موتين جو
هي ڏيھ آ پاڪ ۽ پوتين جو
هي ڏيھ آ انهن انسانن جو
۽ سورهيہ سنڌ سرواڻن جو
جن ڏان ڏنو آ جانين جو

هت ”اهڙا تهڙا“ مور نہ ڪپن، چئو ٻول اهو چوڏاري آهه،
پر، ڪاڻ نہ ڪيندو ڪنهن جي ڪڙمي، ٻولي جنهن ٻاجهاري آهه.

هي ڏيھ آه ڏاڏن مامن جو
هي ڏيھ آه گُلابي گامن جو
۽ سادن، سودن طعامن جو
هي مُلڪ نہ آهي موذين جو
ڪنجوس ڪوڙن شومين جو
تِن لچ لُٽيندڙ لوسين جو

هن ديس جو دشمن دسٽو آ، جنهن باھ ظلم جي پاري آه، پر ڪاڻ نہ ڪيندو ڪنهن جي ڪڙمي، پوي جنهن پاجهاڙي آه.

جنت ڪان وڌ جايون هن ۾
گيت خوشيءَ جا ڳايون هن ۾
ڦورن کي ڏيون ڦاهيون هن ۾
هن ملڪ جو مٽ ڪو ملڪ نہ آه
هن جهڙي ڪنهن جي جهلڪ نہ آه
بي خاوند جي ڪا خلق نہ آه

تنهن ڪانئر جو چڏ ڪنڌ ڪٽي، جو ملڪ منهنجي جو ماري آه، پر ڪاڻ نہ ڪيندو ڪنهن جي ڪڙمي، پولي جنهن پاجهاري آه.

هي ماڪيءَ کان وڌ ماکِ متو
هي ساٿيھ سندو صاف سُتو
آه اهڙو تو کو ڏيھ ڏتو
يا، اهڙا کي تو هنڌ ڏٺا

يا، پنھوارن جا پنڌ ڏٺا
يا ديسي کي دلبند ڏٺا

ھر ڪنھن بنجي ”ھوشو“، ”ھيمو“ جندڙي پنھنجي واري آه،
پر ڪاڻ نہ ڪيندو ڪنھن جي ڪڙمي، پولي جنھن پاجھاري آه.

ھي جھوپا جھونن جھانگين جا
ھَن سھڻن سادن سانگين جا
۽ ويرن وانجھين، وانگين جا
ھي گھرڙا گھوٽن چوٽن جا
تن مانجھين جا اڻموٽن جا
۽ ”ھوشو“ ”دودي“ پوٽن جا

ھت ڪو بہ ”غريب“ غلام نہ ھوندو نيت تہ اچٽي بھاري آه،
پر ڪاڻ نہ ڪيندو ڪنھن جي ڪڙمي، پولي جنھن پاجھاري آه.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

## ”جيئي سنڌو پنهنجو ديس“

پنهنجي عزت پنهنجي آنَ
پنهنجي شوڪت پنهنجو شان
پنهنجي محبت پنهنجو مانَ
پنهنجي الفت پنهنجو آر
پنهنجي پريت ۽ پنهنجو پيار
پنهنجي سِڪ ۽ پنهنجي سار
جيئي سنڌو ديس! جيئي وانگين وارو ديس!
پنهنجو جگر پنهنجي جان
پنهنجو نالو ۽ نيشان
پنهنجو دين ۽ پڻ ايمان
پنهنجي سونهن ۽ سينگار
پنهنجي هنئين جي هُبڪر
پنهنجي قربت جو اقرار
جيئي سنڌو ديس! جيئي وانگين وارو ديس!
ٽوپي سنڌي سهڻي يار

آھي جيءَ جو جنسار
اعلىٰ جنھن جو آھ وقار
موذين لئہ سا آھي موت
پائين مارو ھيرا ھوت
جن جا جلوا جوڀن جوت
جيئي سنڌو ديس! جيئي وانگين وارو ديس!
پَتڪو صدري کُڙتو ڪانچ
اڇٽي ناھي تن تي آنچ
بيٺو جاني منھنجا جانچ
تِن جي لاڪيٽي ھي لوڏ
تن جي ھيبت ھاٿي ھوڏ
سھٽي سادي گندي گوڏ
جيئي سنڌو ديس! جيئي وانگين وارو ديس!
مِٽڙن ماروئن جو ماڳ
جنھن ۾ سھٽا ساوا ساڳ
جنھن ۾ جادو جھڙا راڳ
سُٺڙا سيندين جھڙا ساز
جنھن ۾ نوريءَ جو آ نياز
ھي آھ اندر جو آواز
جيئي سنڌو ديس! جيئي وانگين وارو ديس!
ھن ۾ سِنڌو جا سَرڙات
وہ واھ ويرن جا ور ڙات
جھڙا چيرن جا چمڪات
ھن جو پاٽي جھڙو ڪير

هر ڪو وانگي آهي وير
جنھنجو چيتي وارو چير
جيئي سنڌو ديس! جيئي وانگين وارو ديس!
هن جا گهرڙا ڳليون ڳوٺ
اعلیٰ رهن جت اٺموٺ
رکجان سُکيا سائين گهوٺ
منهنجا مِٺڙا مارو مور
سانگي سونهن ۾ سڀ کان زور
ٿيان تن تان آئون گهور
جيئي سنڌو ديس! جيئي وانگين وارو ديس!
پنهوارن جي ڌرتي پاڪ
جنهن جي هر هنڌ هلي هاڪ
”غريب“ چوي وڏي واڪ
جِئين جاني جوڏا جام
تِن کي سيد ڏيندو سام
دل ٿي پولي صبح شام
جيئي سنڌو ديس! جيئي وانگين وارو ديس!

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

# ”مارو مرندي ڪُسندي مات“

ڪَبيءِ اوڏو - جاني جات
سرديون گرميون ۽ سوسات
لوين وارن کي لوسات
لوين وارن کي لَپات
وانگين ڪانهي ڪائي وات
تيڏا تندڙ آهن ٿات
ڪوٽا هٽندي آيا ڪات ـ مارو مرندي ڪُسندي مات.

ساڳيون سج ۽ تارا چند
ساڳيون راهون ساڳيا رَند
ساڳين مشڪل ساڳين رَند
ساڳيا باٽا ساڳيا بُند
ساڳيون جور جفا ۽ جَند
ڪوٽن دل ۾ ساڳيون ڪُند
ساڳيو آهي قاسي گهات ـ مارو مرندي ڪُسندي مات.

ساڳيون ڏيهن ۽ ساڳين رات
جهانگي پائين ويٺا جهات
تِن کي پيٽ ۽ تن جي تات
ڦهرين هَٿ ۾ آهي ڪات
ڪجهه تہ ڪوليو گهوڙا وات!
ماريءَ ماري ڪريو مات
اُٺي جلدي اونده ڪات ـ مارو مرندي ڪُسندي مات.

ساڳيون پيٽيون ساڳيان هند

آديسين کي آهي اَنڌ
وانگين لئہ پرواهون بند
ساڳين سورن منجهہ آ سِنڌ
ڏاڍن جا ير پيچو ڏَند
کوندر پنهنجا کُهائي کنڌ
اوچو ڪريو پنهنجو ٻاٺ ۔ مارو مرندي ڪُسندي ماٺ.

ساڳيا لاٽو ساڳيا چُگهہ
ساڳين اونداهي آہ گُگهہ
ساڳين گرمي ٻُوسٹ، رُکهہ
ڳوڙها ڳاڙيان ويٺو اُگهہ
ٻوٽو ٻاريو ٽيو نہ ٻُگهہ
ساٿي! ڪجهہ تہ رکو سَگهہ
لاهيو جلدي هي لُٽاٺ ۔ مارو مرندي ڪُسندي ماٺ.

ڪيتريون صديون گذريا سال
ڪرمي اڄ ٻي آہ ڪنگال
هيسيل پيسيل هيٺي حال
مارِين ڦُريو ماروئن مال
ماني ڪپڙو ناهي دال
کهڙي کهڙي ڪريان ڳالهہ
هينئون منهنجو کائي ڦاٺ ۔ مارو مرندي ڪُسندي ماٺ.

ٻنيون ٻارا ۽ واپار
ڏارين وٽ سي آهن ڏار
اجان ساڀيون کيس ۽ ڪار
چا تو سوچين ويٺو يار!

جلدي ٿي وِٺ تون تيار
مارِ ھي جھَٽ پَٽ جھرڪين جھار
پَت جيءِ پري ڪَانون پاٺ ـ مارو مرندي ڪُسندي ماٺ.

پنھنجو ديس ۽ پنھنجو ويس
پنھنجا خان ۽ پنھنجا رئيس
ڪڙمين تي پيا ڪن ھو ڪيس
مارونڙن جي ماريل ميس
آديسي پيا ڪن سڀ عيش
ساٿي! ڏيئي پنھنجو سيس
ٻاريون اونده ۾ ڪالاٺ ـ مارو مرندي ڪُسندي ماٺ.

منزل ڏي تون منھن ڪي موڙ
ٿَڪرن ڪي تون ٿاڪي توڙ
تيزيءَ سان وچ پھچي توڙ
ويري ڪي تو ھڻ وَنھوڙ
پنھنجي قسمت پاڻ ئي جوڙ
تنھنجا ساٿي آھن ڪوڙ
ڪوندڙ ڪوپا ۽ ڪنواٺ ـ مارو مرندي ڪُسندي ماٺ.

”غريب بنجي پئو سڀ غازي
يا تہ لڳايو سِر جي بازي
جيجل پنھنجي ڪريو راضي
سمجھو سِياڻا نہ ڪري آزي
واڻ ئي پنھنجا بنجو قاضي
ڇا ٿا جاچيو پنھنجو ماضي
ڏاڍا آٽيو ھيٺان ڏاٺ ـ مارو مرندي ڪُسندي ماٺ.

# ”صدقي سهٽي سنڌ مٿان“

پل اذيتون ايذاءُ اچن
پل تيغ تبر جا تاءُ اچن
۽ گهرا گهرا گهاءُ اچن
پل ڪاتيون ڪڙڪن ڪنڌ مٿان.
تہ بہ صدقي سهٽي سِنڌ مٿان.

پل تيرن جي وسڪار هجي
پل خوني سامهون خار هجي
۽ اونده انڌوڪار هجي
پل جورو جفا ٿئي جند مٿان.
تہ بہ صدقي سهٽي سنڌ مٿان.

پل ويرين جا وڏ وار هجن
پل خنجر آروپار هجن
۽ ٽُڪرا ٽُڪرا ٽار هجن
پل ظلم ٿئي سَنڌ سَنڌ مٿان.
تہ بہ صدقي سهٽي سِنڌ مٿان.

پل چيرن جا چِڙڪاٽ هجن
پل گولين جا گڙگاٽ هجن
۽ ٽينڪن جا ٽڙڪاٽ هجن
پل دونهان هجن ۽ ڌُنڌ مٿان.
تہ بہ صدقي سهٽي سنڌ مٿان.

پل سورن جا سامان هجن
پل تيز تکا طوفان هجن

۽ ڦهري هٿ ۾ ڪانَ هجن
پل روھ هجن ڪئين رَند مٿان.
تہ بہ صدقي سهڻي سنڌ مٿان.
پل ڏينهن تتل يا رات هجي
پل ويرين وڏو وات هجي
۽ ڦهري هٿ ۾ ڪات هجي
پل گس تي هارين گَند مٿان.
تہ بہ صدقي سهڻي سنڌ مٿان.
پل سوريءَ پئي سينگار ڪري
پل قاتل پيو ڪَنتار ڪري
”غريب“ تي ويري وار ڪري
پل تپيل رکن تَند مٿان.
تہ بہ صدقي سهڻي سنڌ مٿان.

# ”اٿ جاڳ سنڌي“

هي ڏيھ سنڌو
ڇَن ڇيھ سنڌو
گُل ڳِيھ سنڌو
ٻ ساڳ سنڌي! اٿ جاڳ سنڌي!

هي سنڌ سنڌي
مينھن مُند سنڌي
گُلقند سُنڌي
جھنگ جھاڳ سنڌي! اٿ جاڳ سنڌي!

مٿ مور نہ ڪو
تنھن طور نہ ڪو
هن حور نہ ڪو
مون ماڳ سنڌي! اٿ جاڳ سنڌي!

پَس يار پُٺا
سِنڌ سور سَٺا
ڏک ڏينھن ڏٺا
لنئون لاڳ سنڌي! اٿ جاڳ سنڌي!

وٿ وير پلا
دم دير پلا
ڪري ڪير پلا
اڇ آڳ سنڌي! اٿ جاڳ سنڌي!

ڏي جيت اهو

جنھن ريت اھو
ڳاءُ ڳيت اھو
رس راڳ سنڌي! اٿ جاڳ سنڌي!
جھٽ ڪول اڪيون
ڪڻ تيز ٽِڪيون
پيچ درد دکيون
وٺ واڳ سنڌي! اٿ جاڳ سنڌي!
تي شير - ببر
ڪري زير زبر
ٻُڌ "غريب" خبر
پلو پاڳ سنڌي! اٿ جاڳ سنڌي!

## ”سنڌڙي تنھنجا ياٻ يلا“

ھي وڻ ٽڻ بستيون باغ الا
ڪئين تو ۾ ڪبرون زاغ الا
ڪن ”ڪُو ڪُو“ ڪوئل ڪارا ٿا
سي سونھن رکن سڀ سارا ٿا
ٿا طوطا ”ٽِيون ٽِيون“ لام لڏن
سڀ پِرندا ڳڏجيو گيت چون
ھي مارئن جا سڀ ماڳ يلا.
ڙي سنڌڙي تنھنجا ياڳ يلا.

ھت ساوڪ سٽڙي سونھن پري
آه کھڙو وڏو پيو ديس وري
ھي ديس سِندو مان ديس چوان
مان وانگين جو وَڏ ويس چوان
ھت شيءِ تي سيڪا صاف ستي
آه اھڙي مون ڪٿ ڪا نہ ڏٺي
سي ساوا ساوا ساڳ يلا.
ڙي سنڌڙي تنھنجا ياڳ يلا.

ھت نڙ تي نغما بين وڄن
ٿا مُرلين تي ڪئين نانگ نچن
ڪو ”ڪوھياري“ ڪي ڇيڙي ٿو
ڪو ”راڻي“ مان رس ريڙھي ٿو

ڪو ”ڪُندين“ ڪي ٿو تيز تنواري
مارئي جيان ڪو مارو ساري

هي روح ريجهائين راڳ پلا.
ڙي سنڌڙي تنهنجا ڀاڳ ڀلا!

هي هيرن ڪان وڏ وانگيئڙا
سي سونهن پريا سڀ سانگيئڙا
مَٽ مارئن جو نہ پانيان ٿو
مان پيچ انهن سان پايان ٿو
ٽپ مينهن ٽئي جيئن ماندوڪي
تيئن چهرا چمڪن چاندوڪي
هي چوڙيلين جا چاڳ ڀلا.
ڙي سنڌڙي تنهنجا ڀاڳ ڀلا!

هي گوڏ ٻڌل سڀ ڳوٺاڻا
ٿيا سادا سهڻا صاف سياڻا
آه سنڌو جي گجگوڙ سُٺي
آه ملڪ جي هر شئي مون ڪي مِٺي
آه مون ڪي تن سان پيار الا
جي ناهي، تو ڪي اعتبار الا
تون جهاڳي سنڌ ڏس جهاڳ ڀلا.
ڙي سنڌڙي تنهنجا ڀاڳ ڀلا!

هي اعلىٰ سڀ انسان اٿئي
هي دولھ سڀ دهقان اٿئي
هي ويرين لئہ پڻ وير وڏا

هي چيتا چيرن چير وڏا
تہ جنهن دم هي گجگوڙ ڪري
تہ دشمن هَنگيو ڪوڙ ڪري
او جاڳيل تون اجا جاڳ يلا.
ڙي سنڌڙي تنهنجا ڀاڳ يلا!
هي سنڌڙي جا سرواڻ الا
ڪا ڪين نہ ڪنهن جي ڪاڻ الا
هي هٽندو پوئتي مور نہ آه
ڪا منزل هن کان دور نہ آه
هن سر جي لائي بازي آه
اڄ "غريب" هر ڪو غازي آه
وہ واہ هٿ ۾ واڳ يلا.
ڙي سنڌڙي تنهنجا ڀاڳ يلا!

# ”مارئن جو قسم“

آه مون کي دودي جو قسم
هر هاري جوڌي جو قسم
۽ تنهنجي طوطي جو قسم
سهڻن سنگهارن جو قسم.
آه مون کي مارئن جو قسم.

سنڌ ديس جي سانگي مٺان
صدقي سدا صدقي وڃان
هڪ پير ٻہ پوئتي جي هٿان
سانگين سچارن جو قسم.
آه مون کي مارئن جو قسم.

مان تنهنجي ٻولي کي لکان
مان تنهنجي ٻولي کي پڙهان
ان وعدي تان جي قِران
پيارن پنهوارن جو قسم.
آه مون کي مارئن جو قسم.

مان تنهنجو پاڻي تو پيئان
مان تنهنجي لئہ ئي تو جيئان
مان تو کان باغي جي ٿيان
ڪينجهر ڪنارن جو قسم.
آه مون کي مارئن جو قسم.

مون تو ۾ ورتو آه جنم
هت تو ۾ ڪِليس ۽ رُنم

تو سان لڳي دلڙي ويم
ڪوجهن ۽ ڪارن جو قسم.
آه مون کي مارئن جو قسم.

مهراڻ موجن ۾ مگن
چم - چم چوليون ٿيون چُلن
جنت سنديون هيرون گهلن
دولهن دلارن جو قسم.
آه مون کي مارئن جو قسم.

تو سان ”غريب“ جي دل لڳل
او! دل ٻہ آ هر پل لڳل
سيني ۾ تون آهين سِبيل
هر بار هارين جو قسم.
آه مون کي مارئن جو قسم.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

## ”ھي ڏوتي، ڏسي ڪو“

ھي مارو موچارا
ھي وانگي ويچارا
ھي سانگي سياڻا
ھي جھانگي جھوراڻا
ھي ڏوتي ڏسي ڪو! ھي ڏوتي ڏسي ڪو!
ھي سانگي سدائين
تون والي وسائين
نہ ڪن ڪي ھي ماڻا
ھي ھر دم نماڻا
ھي ڏوتي ڏسي ڪو! ھي ڏوتي ڏسي ڪو!
ھي جھوپن ۾ جھولا
اتر کان ھي الا
ھي گھرڙا ڪڪاڻا
ھي پکڙا پراڻا
ھي ڏوتي ڏسي ڪو! ھي ڏوتي ڏسي ڪو!
ھي پونگا ڪَکن جا
تہ آھن لَکن جا
پِتن پر ۾ پاڻا
ھي ڏوتي ڏيھاڻا
ھي ڏوتي ڏسي ڪو! ھي ڏوتي ڏسي ڪو!
ھي لاڪُر ڪا لانديا
نہ بنگلا وراندا
نہ سِر کان وھاڻا
نہ بخمل وِڇاڻا

هي ڏوٿي ڏسي ڪو! هي ڏوٿي ڏسي ڪو!

پڳل سي هي پونگا
هي ٻوڙا ۽ گونگا
هي ڪوجها ۽ ڪاڻا
هي موتيءَ جا داڻا

هي ڏوٿي ڏسي ڪو! هي ڏوٿي ڏسي ڪو!

هي جهڙا ٻہ تهڙا
هي آهن ٻہ ڪهڙا
حُسن هاڪ هاڻا
مان گهٽ ڪين ڄاڻا

هي ڏوٿي ڏسي ڪو! هي ڏوٿي ڏسي ڪو!

هي جيءَ جا جيارا
ٿيا مون کي پيارا
آهن راڄ راڻا
تو آئون سڃاڻا

هي ڏوٿي ڏسي ڪو! هي ڏوٿي ڏسي ڪو!

هي منڙا مُهاندا
هي جهڙا "توراندا"
هي چهرا چاندڻا
تا تمڪن ٽاندڻا

هي ڏوٿي ڏسي ڪو! هي ڏوٿي ڏسي ڪو!

بکيا يا هي ڍائيا
نہ در ڪنهن جي آئيا
مِٺا مون اباڻا
سندم ساھ سيباڻا

هي ڏوٿي ڏسي ڪو! هي ڏوٿي ڏسي ڪو!

لیارن ۾ لوڏون
ٻڌل جن کي گوڏون
پرين اُت پلاٽا
ڏيان تن اولاٽا
ھي ڏوتي ڏسي کو! ھي ڏوتي ڏسي کو!

ھي نِرمل نظارا
ھي وَلرن جا واڙا
ھي ياڳين جا ياٽا
ھي وہ واہ وٿاٽا
ھي ڏوتي ڏسي کو! ھي ڏوتي ڏسي کو!

مکڻ گيھ ڏونئرا
ڏيلھا ڏُٿ ڏونئرا
لَيون ۽ ٻيا لاٽا
سيپي مون سُجھاٽا
ھي ڏوتي ڏسي کو! ھي ڏوتي ڏسي کو!

اي منھنجا حبيبا!
ھجن خوش ”غريبا“
ھي عرض مون اگھاٽا
کي اڄ يا سياٽا
ھي ڏوتي ڏسي کو! ھي ڏوتي ڏسي کو!

نوٽ: 2 اپريل 1972 تي حيدرآباد ۾ عوامي تحريک جي ”ھاري ڪانفرنس“ ۾ پڙھي وئي.

# ”مجبور مارو“

مون هاري هيٺي حال ڏٺا
مون ڪُڙمي ڪل ڪنگال ڏٺا
مون جوڙا منجھ جنجال ڏٺا
مون موذين وٽ مڻ مال ڏٺا
مون لُچندي ڪيئي لال ڏٺا
مون ڪوندر ڪُسندي ڪالھ ڏٺا
مون سانگين سھندي سور ڏٺا.
مون مارو اڄ مجبور ڏٺا.

مون وانگي ويڙها وير ڏٺا
مون تن ڪان ڪسندي ڪير ڏٺا
۽ تن کي لڳندي تير ڏٺا
مون نائيندي تِن نِير ڏٺا
مون ماس پٽيندڙ ”مِيَر“ ڏٺا
۽ پاپي پلپل ”پير“ ڏٺا
مون راٺا ھت رنجور ڏٺا.
مون مارو اڄ مجبور ڏٺا.

مون ٻاٻاڻن جا ٻار ڏٺا
سي انگ اگھاڙا يار ڏٺا
سي ٽرندي منجھ ٽار ڏٺا
سي گرمين منجھ مون گار ڏٺا
مون بيحد سي بيمار ڏٺا
۽ روئندي زاروزار ڏٺا
مون پوندي تن کي پور ڏٺا.
مون مارو اڄ مجبور ڏٺا.

# ”سنڌڙي“

سنڌڙي! تنھنجي شان جي خاطر سِر ھميشہ حاضر آه.
بھشت کان وڌ آن بيشڪ، قلم لکڻ کان قاصر آه.

ڪنڌ ڪٽي جو تو ڌي ڪرڪي، ڪنڌ چڙيان آئون اُن جو ڪپي،
بازن وانگر ڪونڌي پٽي، جھٽ وٺانس آئون جھپي،
دشمن سَندي مُنھن تي دانگي، صبح سانجھي پادر آه.

ڪنھن کي ھاٽي آھي مجال، ڪري جو تو تي ڪوئي ڪاھ،
ڪو نہ چڏيون ھٿ جيئرو تنھن کي ڪڍي وٺونس جلدي ساھ،
شيرن جيان ڪري گجگوڙ ھر ڪو ماڻھو بھادر آه.

جن پيي تو سان ڪئي غداري تن جو ٿيو آ ڪارو منھن،
جيجل! تو تان جان پيي ڏيندو ھر ڪو ھاڻ خدا جو سُنھن،
تو کان جيڪو باغي ٿيندو، سو ئي سوئر ڪافر آه.

ھر ڪو تو سان پيار ڪري ٿو، پيار سان آھين تو پرپور،
ھر ھنڌ تو لئہ گيت ٻُڌان ٿو، تِن ۾ اھي ڏاڍو سرور،
مھراڻ جي مِنڙين موجن ۾، پڻ پيار ڪرڻ جو تاثر آه.

ھر ڪو ماڻھو تنھنجو محافظ دعاگو تُنھنجو گھوٽ پٽائي،
”غريب“ تو لئہ گيت لکي ٿو گيتن ۾ آ موج مٿائي،
تو ڏانھن ڪو ئي ڪونہ سنديندو، چاھي ظالم، جابر آه.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

# ”ڪا محفل مچايان“

اجا غم جو دل تي آھي غبار
اجا اک منھنجي آھي اشڪبار
ٿئي من ڪا موسم وري سازگار،
وري شعر ٺاھيان، وري گيت ڳايان.
وري گيت ڳائي ڪا محفل مچايان.
رڳو رڄ دل جي آ ڏرتي مٿي
صفا سڄ دل جي آ ڏرتي مٿي
تين دور دل مان ڏُکن جا انبار
ھِنئين تان ھٽايان وري غم مٽايان.
وري گيت ڳائي ڪا محفل مچايان.
اجا راڄ دل تي تو غم جو ھلي
تتو ڪو بہ منھنجو ڪو چارو چلي
ھٽي ھول ھِنئين تان وڃن سڀ ھڇار
يلا ياڳ پانيان نوان رنگ لايان.
وري گيت ڳائي ڪا محفل مچايان.
اجا منھنجون اکڙيون بہ آھن اُداس
جڏھن دور ديسين جي ٿيندي پياس
تڏھن خوب خوشيءَ جو ٿيندو اظھار
وري وار وڇايان ۽ سرڙو نمايان.
وري گيت ڳائي ڪا محفل مچايان.
اجا ڏؤر دل ۾ خزان جو ھلي
سدا باد ـ صر صر اجا ٿي گھلي

ڪلي باغ دل جو ٻہ ٽيندو بهار
ڳلي ڳل ڪي پايان وري روح ريجهايان.
وري گيت ڳائي ڪا محفل مچايان.
سڪيا ڪين منهنجا آهن سانگي هتي
ڏسان تو ويڳاڻا آئون وانگي هتي
وسن وير منهنجي وطن جا ولهار
نئين لنئون لڳايان اهو نينهن نڀايان.
وري گيت ڳائي ڪا محفل مچايان.
اجا آهن جهانگين جا جهوپا جهُريل
ڏڪن ڪان سي آهن هميشہ ڏريل
ٽين مُلڪ منڙي ۾ موجون ملهار
واڏايون ورهايان خوش ٿي ڪلايان.
وري گيت ڳائي ڪا محفل مچايان.
ڏڪن جا وڄن ڏينهن جلدي ڪُٽي
وسن ڳوٺ واديون ۽ هر ڪا گهِٽي
ٿئي من ڪا موسم وري خوشگوار
ڪي لوڏون لُڏايان ۽ جهولا جهُلايان.
وري گيت ڳائي ڪا محفل مچايان.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

# "ھُن پار ساٿي پھچبو"

ڪجھ سوچبو، ڪجھ لوچبو.
ھُن پار ساٿي پھچبو.

اي دوستو، اي ساٿيو!
اي ھاٿيو، اي ياتيو!
اي مانجھيو، اي وانجھيو!
اڄ ھي ھماليہ کوٽبو.
اي ديسيو، ھم ويسيو،
جلدي ڪيو تڪڙا ٿيو
ڪا سُک سندي ساھي پٽيو
ھرگز نہ ڪريو کوتپو.
اي سورمو! جاڳي اُٿو
ھمت سندو سندرو ٻَڌو
راڳي ٿيو جھونگاريو،
اڄ روح راڳي ڦوڪبو.
سُستي ڇڏيو، چُستي ڪيو
ڪجھ پاڻ تي پيي ياڙيو
منزل پو پنھنجي ماٽيو
خالي نہ ھرگز موٽبو.
اونھو ھجي تانگھو ھجي
ڪيڏو بہ پل نانگو ھجي
سِر جو نہ ڪو سانگو ھجي
درياءُ ڪنان ڪو ڏَھلبو!

چو تا پلا ڪاھِل ٿيو
منزل طرف مائل ٿيو
چولين اثر زائل ٿيو
طوفان ڪي پي روڪبو.
توبھ الا! توبھ الا!
چو تا ڊچو ايڏو پلاءِ
ڪيڏي ھجي ڪا پي بلا!
اھڙو تہ پالو ٿوڪبو.
چولين سان ڪائبو ٽَڪر
ڪرڻ ”غريب“ ڪوئي فڪر
ٻيڙيءَ پڇي جي ٿي ٽُڪر
ڪنھن ڪانَھ ڪَنڌي ڇُھنبو.
ھُن پار ساٿي پھچبو.

✦ ✦ ✦ ✦

# ”ٻڌي جو سڏ“

سِنڌڙي سڏي ٿي ماءُ اڄ.
سندرو ٻَڌي تون آءُ اڄ.
اُٿ جاڳ تون جوڌا وري
قادر پُٽام دودا وري
سِر جا ڪيون سودا وري
مَاريون ملي شودا وري
گهرا ڏنا جن گهاءُ اڄ.
سندرو ٻَڌي تون آءُ اڄ.

متحد ٿيو مهندار سڀ
ويچا وساري يار سڀ
ماريون ملي مُردار سڀ
ڌرتيءَ سندا غدار سڀ
سُک جو ڪٽون ڪو ساھ اڄ.
سندرو ٻڌي تون آءُ اڄ.

لائحہ عمل بدلي ڪيو
ڪم کي اوهين اصلي ڪيو
اصلي ڪيو، عملي ڪيو
عملي ڪيو، عقلي ڪيو
هِن يُونءَ ياءُ خاطر اڄ.
سندرو ٻڌي تون آءُ اڄ.

جنهن پونءَ متي ٿا پيا جيئون
اُن جو ئي ٿا کائون پيئون
اُن جون محافظ جي ٿيون
قومون ئي سي زنده رهيون
ڏئي مُڃن کي تاءُ اڄ.
سندرو ٻَڌي تون آءُ اڄ.

## سنڌ ڌرتي جي پٽائي ڪي دانهن

### ”مون کي پاڻي کپي“

آئون آهيان اُڃي.
اي او پٽ جا ڌڻي!
مون کي پاڻي کپي،
سو بہ هاڻي کپي.

سُڪي پيو تو سڪر
لاڙ سارو اُتر
ساڙيو سِمِ ۽ ڪَلر
گُهري تر تو پَلر
دانهي ڪُڙمي ڪمي

آئون آهيان اُڃي.
اي او پٽ جا ڌڻي.
مون کي پاڻي کپي،
سو بہ هاڻي کپي.

منهنجو سِنڌو سُتو
پيو آ سَارو سُڪو
چو آ مون کان رُٺو
تون تہ ڪر ڪو پَتو
چوان نِوڙي نَمي

آئون آهيان اُڃي.
اي او پٽ جا ڌڻي.

مون کي پاٽي کپي،
سو بہ ھاٽي کپي.

منھنجا پڇڙا رڙن
ڪاڻ سُرڪي سِڪن
مون لئہ ماندا ٿين
دانھون تو کي ڏِين
ڏئي مون کي چُمي

آئون آھيان اُڃي.
اي او پٽ جا ڏٽي.
مون کي پاٽي کپي،
سو بہ ھاٽي کپي.

سنڌو! تنھنجي سُڪي
پيو تو ھر ڪو پڇي
ھِن جون اوجون ڪٽي
آڻ موجون ھتي
بند سارا پچي

آئون آھيان اُڃي.
اي او پٽ جا ڏٽي.
مون کي پاٽي کپي،
سو بہ ھاٽي کپي.

رکي سائو سدا
مون کي منھنجو خدا
وري گھر کا دُعا
اي پٽائي پلا!

## منت منهنجي مڃي

آئون آهيان اُڃي.
اي او پٽ جا ڏٿي.
مون کي پاڻي کپي،
سو بہ هاڻي کپي.

# ”مينهن جي تباهي“

مينهن ڇڏيو هت ملڪ آ ٻوڙي
واٽون، وسيلا رستا روڙي
وڻن ٽڻن جون ٽاريون ٽوڙي
ڪڏون ڪوپا ۽ ترايون تار.
والي ولايت ڏي وچون وار.

پتيون جايون گهر ڪري پيا
سوين ڏِن ۾ ماڻهو مري پيا
ٿانو ٿَپا پڻ جام جهري پيا
حالت بنهه هت آهي زار.
والي ولايت ڏي وچون وار.

گهٽيون گهر شهر ۽ گام
تارو تار آهن تمام
جرپسان تو هر هنڌ جام
آفت يا الاهي ٽار.
والي ولايت ڏي وچون وار.

رڍون، ٻڪريون مال مري ويو
ديس تان چڻ ڪو ڏِيو ڦِري ويو
وانگين سان هت ويل ٻري ويو
هر جڳهه منجهه آهن ڏار.
والي ولايت ڏانهن وچون وار.

پوڪون ۽ فصل ٿيا تباهه
ٻنيون ۽ ٻارا لاهو لاهه

بک ۾ هر ڪو آهي پاھ
ڏيھو ڏيھ آهي ڏڪار.
والي ولايت ڏانهن وڃون وار.

پڪل پوکون زير - آب
مرض ۽ موڙا بي حساب
بُرو تباهي جو آهي باب
ساڻيھ ۾ ڪو آڻ سُڪار.
والي ولايت ڏانهن وڃون وار.

بيماريون ۽ تَپ وڌي ويا
جيت بلائون سَپ وڌي ويا
موت جا هر هنڌ دپ وڌي ويا
گهَر گهَر آهي هي پڪار.
والي ولايت ڏانهن وڃون وار.

ڪرم ڪر تون هاڻ حبيب
توري ناهي ڪو طبيب
عرض ڪري تو هي "غريب"
دعا گهرن ٿا وڏا ۽ بار.
والي ولايت ڏانهن وڃون وار.

## ”هاري“

ديس جا دلبر هاري يار
پوک پنهنجي سان رک تون پيار.

هيج مان هاري هرڙو کاهه،
چوکو رک تون تِنهن سان چاهه،
ڪڻ ڪُلهي تي هي ڪوڏار.

صبح سويرو ساجهر ساڻ،
وڃ تون ڪڙمي ڪم جي ڪاڻ،
پوک پچائي ڪر تيار.

هِت ٿيا تنهنجا سڀ محتاج،
تو تي ٻاجهاري جي ٻاجهه،
ٻيڙا ٿيندا تنهنجا پار.

اعلىٰ بيشڪ تون انسان،
مٽڙا تنهنجو هر هنڌ مان،
تنهنجو ”غريب“ آه غمخوار.

✦ ✦ ✦ ✦

## ”شابس ڙي او منھنجا شينھن“

جِت ڏسو ڪا اونده ڀاٽ
ڪوٽي ھٽو تنھن کي ڪاٽ
پاريو ڪائي روشن لاٽ
تي پوي بس يڪدم ڏينھن.
شابس ڙي او منھنجا شينھن!

ھئي مٿان اچ مُڪڙين ماڪ
آه رُني ڪا راڻي رات
حال ھيٺو آ ۽ غمناڪ
غم متايوءِ جي غمگين.
شابس ڙي او منھنجا شينھن!

وار ڪيو آ ويري ھيل
آئي وڙھڻ جي آھي ويل
دشمن جا اچ ڏاريو ڏيل
”دودي“ جا ٿيو جانشين.
شابس ڙي او منھنجا شينھن!

جاڳ منھنجا سائين جاڳ
ٽيڪم سان تون ٽَڪر ٽاڪ
تنھنجي ھر ھنڌ آھي ھاڪ
”ھوشو“ ڪيون تي ھڪلون جيئن.
شابس ڙي او منھنجا شينھن!

”ڪلمي“ سان وچ ڪري ڪاھ
”حيدر“ تنھنجو آه ھمراه

واليءَ تنهنجو واهي واهه!
حشمت سان تون وڃڻاءَ هيئن.
شابس ڙي او منهنجا شينهن!

مسلم ماڻهن جو هي ماڳ
ڀاڳ ڀلو آه پنهنجو ڀاڳ
چير سان ڇڏ تون چيڙي راڳ
نصر من الله فتح مبين.
شابس ڙي او منهنجا شينهن!

اعلان اٿئي اهو "اندرا" عام
تون ٻه ٻُڌي ڇڏ "جيون رام"
بچڙا ٿيندا ۽ بدنام
چوکو اسان جو سنگتي "چين".
شابس ڙي او منهنجا شينهن!

ڀڏرا ٿي پيا تنهنجا پول
ٻُڌ ڙي ٻوڙيءَ منهنجا ٻول
ڪڍبا تنهنجا هاڻي ٻول
جهل دپ هاڻي ٿارا ٿين.
شابس ڙي او منهنجا شينهن!

ڪاٽي تنهنجو "بنگلاديس"
نينگر هٽنديئي هاڻي نيش
پاڻهي پوندين تون ئي پيش
آهي اسان کي اهو يقين.
شابس ڙي او منهنجا شينهن!

"بس ڪريان ٿي هاڻي بات"

وائي اھا آھي تنھنجي وات
ڪنڌ مٿان جڏ آيو ڪات
بند ڪر ھاڻي رينگڻ رين.
شابس ڙي او منھنجا شينھن!

منھنجي وطن جو شير سپاھ
ڏينھن ھجي يا رات سياھ
خدا سوا نہ ٻي پرواھ
اسلام اسان جو آھي دين.
شابس ڙي او منھنجا شينھن!

ھي شيرِ مجاھد آھي شير
ھن جو مَٽ ھِت آھي ڪير
دشمن ۾ آہ دڙڪي دير
تون نِيائي نازڪ نينھن.
شابس ڙي او منھنجا شينھن!

اڳيان ھجي پل اَجل گھات
ھوندا ھميشہ اوچا ڳاٽ
”ٽالپر“ ھميشہ آھيون ٽاٽ
”غريب“ ٿيندي فتح آمين.
شابس ڙي او منھنجا شينھن!

✦ ✦ ✦ ✦

نوٽ: ڊسمبر 1971ع ۾ ھندوستان ۽ پاڪستان جي جنگ دوران ”ڍاڪا فال“ کان اڳ لکيل.

## ”جوڌن جي جيت“

جن ديس پنهنجي تان سيس ڏنو، سي مانجهي منڙا مُرڪن بيٺا.
جوت وڏي سان جانب جوڌا جنت ۾ سي جرڪن بيٺا.

سُک جو نيٺ تہ سورج نڪتو
پورب آخر پورب نڪتو

اڄ آزادي جي عالم ۾ سي ٽِڙيو ٽِڙيو ٽهڪن بيٺا.

رت تنين جي رنگ آ لاٿو
ڪونڌر ڪُسيا ڪونهي ڪاٿو

تن مرد مٿيرن مانجهين جا اڄ مائٽ مَرڪيو مرڪن بيٺا.

خانن خوشين سان سر خم ڪيا
مور نہ مانجهيءَ موت کان مڙيا

ڳاٽ اوچي سان ڳاڙها ڳيرو سوري ڏي سي سِرڪن بيٺا.

سچ جو بيڙو ٻڏندو ناهي
ترندو ترندو، ترندو آهي

اڄ ورهين کان پوءِ وڻجارا هي ڪُڏيو ڪُڏڪن بيٺا.

”غريب“ هٿ وسڪار وسي وئي
هاڙيھ ۾ هبڪار اڇي وئي

ڇُرواڳ وَلر اڄ چالون ڏيئي واديءَ واديءَ وَڙڪن بيٺا.

✦ ✦ ✦ ✦

# ”ارض ـ بديٽا“

ارض ـ بديٽا مرحبا ـ مرحبا صد مرحبا.

تنھنجا مڙئي مرد و زن ـ سِر سان اٿن ھر دم ڪفن
سي سڀ برابر با وفا ـ مرحبا صد مرحبا.

تو وٽ جيالا جي جيئن ـ ٿا سِر سندو صدقو ڏِيَن،
تن جا بُلند ھَن حوصلا ـ مرحبا صد مرحبا.

تنھنجي زمين آ دل نشين ـ تون لاڙ ۾ جنت لڳين
پُر صحت تنھنجي آ صبا ـ مرحبا صد مرحبا.

تو تي اسان کي آ فخر ـ تون آن جوانن جو شھر
دشمن وجي ٿيندو فنا ـ مرحبا صد مرحبا.

جو وقت سيني ۾ آ دم ـ تو ”ٿالپر“ کائي قسم
سِر ساھ سڀ صدقي ڪبا ـ مرحبا صد مرحبا.

✦ ✦ ✦ ✦

نوٽ: 1971 ع جي جنگ دوران لکيو ويو.

# ”منهنجا صنم“

تنهنجي وچڙي وچڻ - سندا سور سهڻ
آهي زهر پيئڻ - مون لئہ موت اچڻ
اکين آب وهڻ - تنهنجي سڪ ۾ سچڻ
ٿي شب روز رنم - اي او منهنجا صنم!

هن هيڏي دنيا - ۾ مون بيا پيي ڏٺا
پر او منهنجا مٺا - تون آن دل جو صفا!
تنهنجي پيار ۽ وفا - تان هي صدقي سدام
آهي سِرڙو سندم - اي او منهنجا صنم!

تو کي لوچي لهان - تيسين ڪين وهان
پيو سي سُور سهان - پر مان ڪين ڪُڇان
پنهنجي پَر ۾ پچان - ڳولي سارو جهان
تو کي دلڙي ڏنم - اي او منهنجا صنم!

منهنجو من آ مگن - مون کي تنهنجي لگن
مون کي ماڻهن چون - آهي راهہ هي ڪٺن
پر آ منهنجو وچن - واريان تو تان هي تَن
تنهنجي تِر جو قسم - اي او منهنجا صنم!

دلبر دور ٿين - مون کي پور پون
هيئن هول هُرن - ۽ سوين سور سُرن

منهنجا نيڻ ڦِمن ـ مون تان ماٺهو ڪِلن
تو سان پيچ پاتم ـ اي او منهنجا صنم!

ڏينهن رات پرين ـ تنهنجي تات پرين
وائي وات پرين ـ مون هي لات پرين
اڄ آءُ تہ پرين ـ ڪريون بات پرين
اهڙي آس اٿم ـ اي او منهنجا صنم!

تون اچ پير پري ـ ايڏو گهار نہ پري
منهنجي ڪين نہ وسري ـ ٿو من ماندو مري
وئين چو ڏار ڪري ـ بره باه ٻري
اکين اَشڪ آيم ـ اي او منهنجا صنم!

✦ ✦ ✦ ✦

## ”ھاءِ آئون ڪنھن سان مِلان“

جابجا ٿي ويون خوشيون، اڄ عيد جو ڏينھن سڳورو،
جھوم جھومان آه ھر ھنڌ تو لُڏي چڙ ڪو ھِندورو،
ٺھڪ ٺھڪن جي مٿان پر ناحق مون سان آ نسورو،
لڙڪ لارون ٿا وھن، ڪو چڙ ھجي يتيم چورو،
ميٺ محبت آه ھر ھنڌ ۽ ٻَڪ ٻَڪن ۾ ڏسان.
ٿا ملن اڄ عيد ماڻھو ھاءِ! آئون ڪنھن سان ملان؟

ھُل ھنبوشي آه ھر ھنڌ ۽ گيت گڏجي ٿا چون
مُرڪ ھر ڪنھن لب مٿي جيئن باغ ۾ ٿا گل ٽڙن
ٽِير ٽَبر نيڻ جن جا سي سُھڻا ٿا ڪِلن
پَيار سان ٿا پاڻ ۾، اڄ دوست دل وارا مِلن
دوستيءَ جي اڄ درياءُ ۾ پيار جو چوليون پسان.
ٿا مِلن اڄ ماڻھو ھاءِ! آئون ڪنھن سان ملان؟

ڪونہ آه غمگين ڪوئي تو اڄ ھر ڪو ڪِلي
مسرت سان معمور ماڻھو تو اڄ ھر ڪو مِلي
پاڪ پائي سيڪو ڪپڙا ڏانھن مسجد جي ھلي
عيد مبارڪ! عيد مبارڪ! تو مِلي ھر ڪو گلي
آئون زماني جو ڌڪاريل تو اڪيلو اڄ ھلان.
ٿا مِلن اڄ ماڻھو ھاءِ! آئون ڪنھن سان ملان؟

سڀ سنگتي پاڻ ۾ ٿا اڄ گڏجي هِت هلن
هٿ ۾ هٿ ڏيو ٿا هوٽلن ۾ هو وڃن
پرت جا پيالا پري ٿا پاڻ ۾ ويهي وندن
مست محبت جو درياهه هر هنڌ آه موجزن
ڪونه آ ساٿي سڄڻ جنهن سان گڏجي مان ڪلان.
ٿا ملن اڄ ماڻهو هاڻِ ! آئون ڪنهن سان ملان؟

پَڪين وانگي ٿو پسان اڄ يار ولر پاڻ ۾
يوڳ چرچا ۽ پڻ لاڏ اُلر پاڻ ۾
پيار تن جو آ ائين جيئن مَڇي جُلر پاڻ ۾
ڪو نه آهي ڪو تنهاهه گڏ دلبر پاڻ ۾
هڪ ٿيس آئون فقط جو اڄ ويڳاڻو وتان.
ٿا مِلن اڄ ماڻهو هاڻِ! آئون ڪنهن سان ملان؟

شادمانا چئو طرفهه هر ڪو اڄ مسرور ٿيو
هر بشر بيحد گهڻو خوشين سان پرپور ٿيو
دلربا آهي نہ منهنجوهه جي ڪوئيهه دور ٿيو
”غريب“ اڄ ڏاڍو هتي مجبور ۽ رنجور ٿيو
ڪونہ منهنجو ڪو مسيحوهه ڪيئن ڪريان ڪاڏي وڃان؟
ٿا مِلن اڄ ماڻهو هاڻِ ! آئون ڪنهن سان ملان؟

# ”حيدرجي ياد“

حيدر تون ڪي هاريءَ هر هر سارين ٿا هت صبح شام.
سيني سھڻن سانگين جا اڄ تو تي آهن سَو سلام.

هر دم هر ڪنھن مَن اندر ۾ تنھنجي ئي بس آهي تات،
واڳ وطن جي واري وئين تون وائي تنھنجي آهي وات،
سنڌڙي سائي آهي سائين گاهه گرڙ منجھ گولون گام.

سانگيئڙن جي سار لڌي تو سانگيئڙن کي آهين ياد،
تنھنجي ديس جا دشمن ڏيجي ويندا نيٺ تہ ٿي برباد،
سانگيئڙن جو سائو ساٿيھ سرور ڏيندو تنھن کي سام.

ڳوٺاڻن جون ڳالھيون ڪھڙيون ڳوٺاڻا بس سارو سُونَ،
هيرن جھڙا هاريءَ هي سڀ، ڪَس لڳي ڪو تن کي ڪو نہ،
ماروئڙن جا مٽ نہ ٻيا ڪي، صاف سچي آهنيئن تو هام.

جيءَ وجھي تو جوکي ۾ هو پاڻ پتوڙيو پنھوارن ڪاڻ،
دم دم تو کي دل سان دعائون ڪن ٿا ڪڙمي هاري هاڻ،
تنھنجا ڳُڻ ۽ ڳالھيون هِت ڙي ڳوٺاڻا ٿا ڳائن عام.

تو لئہ اڄ مان آيو آهيان عقيدت جا گُل ڪٺي،
وٺ وٺ اي تون سورهيہ سنڌ جا! جھولي پنھنجي جھَل ڪٺي،
سِنڌ ۾ تنھنجو روشن راڻا ناز وڏي سان رهندو نام.

سُک جو ھت تون سج اپاري وئين تون خود ٿي پاڻ غروب،
”غريب“ کي ڏيئي غم ۽ گوندر وئين، تون موت جو پي مشروب،
جنت ۾ شل تو کي مولىٰ، جايون ڏي او! جاني جام.

✦ ✦ ✦ ✦

## ”ويو مسافر منهن مٽي“

ويو ڪري افسوس رحلت، لائق لاشاري اديب،
ويو ڏئي داغ - فرقت لائق لاشاري اديب،

ادب جي گلشن جو مالهي، مٽيادار هو ”رشيد“
ويو هتان ٽي سو رخصت، لائق لاشاري اديب.

ويران ويو ٿي آه چمن، ساهت سندو اي يار اڄ!
اعلیٰ ادب جي ڪئي خدمت، لائق لاشاري اديب.

ڪالھ جنهن مالهي ڏنو ٿي، آب ادب جي باغ کي،
ويو ڇڏي سو باغ ٽُرت، لائق لاشاري اديب.

ٿي ويو تائب شمس، ادب جي عالم مثان،
ويو ڪري تاريڪ سخت، لائق لاشاري اديب.

آه هر دل ٿي فِگار ۽ چشم پڻ هي ٿيا نَمَ،
جوءِ ڇڏي ويو آه جت، لائق لاشاري اديب.

ملڪ ۾ ماتم مچي ويو ۽ روڄ راڙو عام جام،
جڻ بپا ويو ڪري قيامت، لائق لاشاري اديب.

حق گو بيباڪ بيشڪ ۽ صاف دل پڻ هو صحافي،

ٿي رهيو سينگار ـ صحافت، لائق لاشاري اديب.

گهرج جنهن جي هئي گهڻي سو ويو مسافر منهن مٿي،
ڪجھ تہ ترسين ها تون وقت، لائق لاشاري اديب.

✦ ✦ ✦ ✦

**نوٽ: مرحوم رشيد احمد لاشاري جي وفات وقت لکيل.**

# آزاد نظم

## ”فاني زندگي“

اڄ حياتي آهيون،
سُڀاڻ هجون نہ هجون،
هن فاني زندگي تي ڪهڙو اعتبار.
هي زندگي، چڙهندڙ ۽ لهندڙ وير جيان،
هي زندگي جلندڙ ڏيئي وانگي،
جا ڪنهن بہ لمحي اُجهامي ويندي،
اوچتو ئي اوچتو،
۽ هميشہ لاءِ خاموش.
هن زندگي جي شجر جون پاڙون،
ڪچيون آهن ۽ بي بقا،
شايد جلدي ڪري پوي،
ڪنهن سخت هوا جي جهوٽي جو تاب نہ سهي.
هي زندگي آهي ڪڙندڙ تاري وانگر
جو گم ٿي وڃي ٿو هميشہ لاءِ،
۽ اوچتو،
آڪاش جي اٿاهه ساگر ۾،
هن فاني زندگي تي ڪهڙو اعتبار،
هي زندگي چڙهندڙ ۽ لهندڙ وير جيان.

# ”مطلبي دوست“

اوهين چئو ٿا جن کي دوست
تن ئي کاڌو منھنجو گوشت.
پنھنجن مون کي پَٽيو خوب
ڦريو سُريو لُٽيو خوب.
پنھنجن پيتو منھنجو رَت
آئون ڪُڇان جھڙي پِت.
دنيا وڏي آڙيڪاپ
اسين اجا سادا صاف.
دنيا وڏي آه چالاڪ
اسين پٽ اجا خاڪ.
اسين جھڙا ڍڳا ڍور
مارين پنھنجا توڙي چور.
پنھنجن ڏنا پل پل پور
سيني ۾ آهن سَو سَو سور.
ڪنھن کي ڏيندس ڪنھن کي ڏانھن
پنھنجي هٿ سان وڍيم ٻانھن.
دنيا ساري دوکو ڌوڙ
پائي ناهي تنھن ۾ ڪوڙ.
غم نہ ڪر تون هاڻ ”غريب“
تنھنجو حامي پاڻ حبيب.
تنھنجو وارو ورندو نيٺ
هوندا سيئي تنھنجي هيٺ.

ڪندا خود ئي هو اعتراف
تو کي چوندا ”ڪر تون معاف“.
ڪهڙي ڪريان تن جي ڳالھ
اوهين چئو ٿا جن کي دوست!
اوهين چئو ٿا جن کي دوست!

✦ ✦ ✦ ✦

# "منھنجو لاش"

اھو وقت ايندو اھو ڏور ايندو
جڏھن ھي تہ پيرو پيچي پور ٿيندو

پڪيءَ تي پو آزاد ويندو اڏامي
ڪندو سو تہ سرور سچي جي سلامي.

سادو صفا ھڪ ھوندو ڪٿولو
نہ نندو نہ وڏو مگر سو وچولو.

انھيءَ تي ھي بوتو پيل يار ھوندو
دنيا لئہ عبرت جو اظھار ھوندو.

بنھ بند اکيون سنوان پير ھوندا
مون جيان ھتان سڀ رمندا ئي رھندا.

ھميشہ حياتي پلا ڪير ھوندا
جڙيل ھي جي پيرا سي پچندا ئي رھندا.

ڏسو تا جو پيرو ٿيل پاش آھي
اھو ئي تہ منھنجو ادا لاش آھي.

خبردار ڪو ئي متان لُڙڪ ھاري

رواجي نہ ڪو ئي چڱايون پچاري.

لَٽي لحد پوءِ وساري نہ وھجو
اچي ”قل“ قبر تي پڙھندا ئي رھجو.

اھا ننڊ منھنجي حقيقي ئي ھوندي
نڪو ڏينھن ھوندو نڪي رات ھوندي.

نہ ئي وري ڪا بہ پرياٿ ٿيندي
پرھ ويل نہ ڪا پڪين لات ٿيندي.

نڪو ڏينھن ھوندو ني سور پوندو
جڏھن ھي تہ پيرو پيچي پور ٿيندو.
اھو وقت ايندو اھو دؤر ايندو.

✦ ✦ ✦ ✦

## ”دنيا“

اي دنيا! تو تي تعجب آه
هي مون کي پڇڻ واجب آه

هن هيڏي تنهنجي بستي ۾
چو آهي هر کو مستي ۾

چا خوف نہ کنهن کي باريءَ جو
۽ کلر قبر کاريءَ جو

جو هر کو ڏيندو هينگ وتي
۽ تاڏون ٽپا ٽينگ وتي

آهي مستي دولتداري جي
۽ ياد نہ کنهن کي باريءَ جي

اڄ انسان، انسان جو قاتل آه
۽ حق تي غالب باطل آه

اڄ انسان، انسان جو ويري آه
۽ چور بہ پاڻ ئي پيري آه

بس اُبتي تنهنجي ڍيري آه

يا مغز منهنجي ۾ ڦيري آه

هئہ! جيترو پي افسوس ڪريان
سو ٿورو ٿورو ٿورو آه

سمهندي هلندي سوچيان ٿو
مان پاڻ ئي پاڻ کي لوچيان ٿو

ڏس دنيا ڪتي بيٺي آه
جو هر ڪو پاڻ ئي زورو آه

۽ "غريب" حق جو گهورو آه
جو درد جو هن کي ڏؤرو آه

پيو هر ڪو پاڻ ئي زورو آه
هئہ جيترو پي افسوس ڪجيہ
سو ٿوروہ ٿوروہ ٿورو آه

✦ ✦ ✦ ✦

## ”مظلوم مارو“

هاءِ سانگين جا ڪو سور سُٽي
۽ پلپل تن جا پور ڳٽي

هاءِ! ڪھڙي تن جي ڳالھ الا
آهي هيٺو تن جو حال الا

هي پيٽ بکيا ۽ انگ اگھاڙا
گھر ۾ تن جي گھوڙا گھوڙا

ٻُڪ ۾ ڪن ٿا ڪيھون ڪلڙا
روئن رڙن ٿا ابھم ٻچڙا

قسمت سانگي چلھ ۾ ٽاندو
ائين انھن جو اُٽيو آندو

هت غريب هھڙا حال ڪيا
۽ ڪڙمين سان ڪئين ڪالھ ڪيا

هئہ! لَٽڪي ڪھڙا لال مئا
۽ ڀَٽڪي ڀَٽڪي مال مئا

منھنجن مارن نماڻن سان
ھنن گوڏ ٻڌل ڳوٺاڻن سان

تا ڪيڏا تين ڪلور ھتي
آه دردن ڪان دل چور ھتي

منھنجا مارو آھن مجبور ھتي
ھئہ! ڪھڙي تن جي ڳالھ ڪيان.

آھن موتين جھڙا مارو ماڻھو
تن کي ٿو ھت پيڙي گھاڻو

صبح ھجي يا سانجھي ٽاڻو
ڪو نہ ڏِسن ڪو اَن جو داڻو

ھاءِ الا! ھي ڪھڙو ھاجو
منھنجن مٽڙن مارن سان

ھاءِ سانگين جا ڪو سور سُٺي
جي ويھي لِکيا مون لُڙڪن سان.

✦ ✦ ✦ ✦

# مزاحيہ نظم

## ”جيئي چٽن جي ھي دال“

(حيدرآباد جي مسلم ھاسٽل جي روم نمبر 10 ۾ رھندو ھوس. انٽر سائنس جو زمانو ھو. ھاسٽل جي ميس جي معيار کان متاثر ٿي ھينيون نظم لکيم، جيڪو دوستن رات جي ماني مھل ڊائننگ ھال ۾ ديوار تي لڳائي ڇڏيو. ھاسٽل جا ڇوڪرا پڙھي ڏاڍو لطف اندوز ٿيا ۽ مون کي داد ڏنائون. ماني کائي ڪمري تي ويس تہ ڪجھ دير کان پوءِ ھاسٽل انچارج جو نوڪر آيو، چيائين تہ صاحب ٿو سڏي. ڇا وجي ڏسان تہ انچارج صاحب، جيڪو منھنجي ئي ضلعي جي ھڪ روايتي وڏيرڪي خاندان جو فرد آھي، ڪاوڙ ۾ سخت ڳاڙھو لڳو پيو آھي. چيائين تہ تو منھنجي بي عزتي ڪئي آھي؛ اھو نظم جيڪڏھن اخبار ۾ ڇپجي وڃي تہ اسان جي ڪيڏي بدنامي آھي. جڏھن پڇائين تہ ڪٿي جو آھين، ٻڌايومانس تہ بدين جو. اھو ٻڌي ويتر وڌيڪ ڪاوڙيو ۽ حڪم ڏنائين تہ آئون صبح جو 10 وڳي تائين ھاسٽل خالي ڪري ٽپڙ کڻي وڃان. ڳڏوگڏ اھا ڌمڪي بہ ڏنائين تہ ”ڏسان تہ تون ڪيئن ٿو مسلم ڪاليج مان انٽر پاس ڪري نڪرين“. ھاسٽل نيڪالي جو حڪم ٻڌي ڪمري تي آيس تہ منھنجي پارٽنرن حال احوال پڇيو. کين سچي حقيقت ٻڌايم. دوستن دلداري ڏني تہ جيڪڏھن تو کي ھاسٽل نيڪالي ڏي ٿو تہ اسين سڀ ھاسٽل ڇڏينداسين. ھنن سيني وفد جي شڪل ۾ وڃي انچارج صاحب سان سخت احتجاج ڪري، منھنجي ھاسٽل نيڪالي جو حڪم واپس ورنرايو. ھن نظم پڙھڻ سان اڄ بہ ان وقت جو سڄو پس منظر اکين اڳيان اچي ويندو آھي.)

ڄڻ قيدين جو ھي ڪوٺ ميان
ٿا پئسن جا ڍيون نوٽ ميان
تہ بہ ڪاڏي ۾ هِت ڪوٽ ميان
ڪَن ڏئي ٻُڌ جو ھي سارو حال.
جيئي چٽن جي ھي دال.
مانيون جھڙا نان الا!
ٿا ڪائين ھي انسان الا!
بس! ڏاڍو هِت آ مَان الا!
ڪَھڙي پڇو ٿا يارو ڳالھ.
جيئي چٽن جي ھي دال.
سي سَڙيل ڪارا روٽ الا!
ٿا پيٽ ۾ وجھن ڦوٽ الا!
۽ آنڊن ۾ ڳڙ گوٽ الا!
تو ليکو اسان جو ٿئي لال.
جيئي چٽن جي ھي دال.
ٻوڙ ڦِڪو يا ڪارو آھ
پر اڪيون پوري ڪائٽو آھ
ھي قسمت جو سي وارو آھي
بس ماٺ اسان جي آ في الحال.
جيئي چٽن جي ھي دال.
واھ جو يَت يَتارو آھ
ھر ڏاٽو سچو سارو آھ

بس! گھوڙن جو چڻ چارو آہ

ماڻھو مان ٿياسين ڦِري مال.
جيئي چٽن جي ھي دال.
ٿو يَت ۾ ڪِچرو ڪوڙ ڏسان
۽ پٽريون گردَن توڙ ڏسان
پوءِ آندبن جي ٿو ڊوڙ ڏسان
ٿو جر اڪين مان وھي جال.
جيئي چٽن جي ھي دال.
چانھ بس آ ڏوپ جو پاڻي
پيئندي پوي پيٽ ۾ گھاڻي
مَستيون ڪن ٿا جاڻي واڻي
وِجھون ڳَچيءَ ۾ ويھ وال.
جيئي چٽن جي ھي دال.
ڪَن پُڇ ڪنھن بہ ڪوپ جو ناھي
ٽانَو ھر ڪو ھت پڳل آھي
پئسا ويا سڀ ھي ڳِرڪائي
چريو بنايو ٽا چلن چال.
جيئي چٽن جي ھي دال.

# ”مُلان“

مُلن جي بہ مخلوق آهي عجب.
هجي ماهہ ”محرم“ ربيع“ يا ”رجب“.

مُلن کي ڪٿي شل نہ ماني سُجهي.
بنا دير دعوت هو پهتا اِجهي.

نہ ڊاڪون هڪ، ٻن مان ڊاپن اُهي،
سُٺو جي ٿئي ها، نہ ڇاپن اُهي.

مُلي کي هڏو پل تہ ڦاسي پوي،
تڏهن پي اُٿڻ تي نہ راضي ٿئي.

مُلو ڏس! تہ ماڳهين تو پاڻي منگي،
”ٻڪر“ چڻ ڪو واڙي ۾ بيٺو ڪَنگهي.

مُلان کن سپيئي واعظ وڏا،
مگر ڪم مُلن جا تہ آهن جڏا.

مُلن جي وڃي شال ماني ادا،
گهُرو مون سان گڏجي اوهين هي دعا.

## ”چڪري“

زال: مون کي ”شاپنگ“ ڪرڻي آھي.
پھرين ساڙھي وٺڻي آھي.

مڙس: پھرين مون لئہ ڪچڻي ٺاھي.
تو کي موڪلي ڏيڻي ناھي.

زال: توکي موڪل ڏيڻي پوندي،
جي نہ تہ پنھنجي چڪري ٺيندي،
تو کي منھنجي مڃڻي آھي.
مون کي ”شاپنگ“ ڪرڻي آھي.

مڙس: چڪري ڪان مان ڊڄندو ناھيان،
ماٺ ڪر تنھنجي لاڪ نہ لاھيان،
تو کي ضد ھي ڇڏڻي آھي.
پھرين مون لئہ ڪچڻي ٺاھي.

زال: پنھنجو ضد مان ڪين ڇڏينديس،
تو لئہ ڪچڻي ڪين ٺاھينديس،
منھنجو نالو وڙھڻي آھي.
مون کي ”شاپنگ“ ڪرڻي آھي.

مڙس: هن کي گھوڙا! ڪير سمجھائي،
ساڙو ويٺي لوڪ ڪِلائي،
تازو هاٿي پرڙي آهي.
پھرين مون لئہ ڪچٽي ٿاهي.

زال: جيڏو چاهي رعب رکين تون،
جيڏا چاهي دڙڪا ڏين تون،
بندي هر گز هٽي ناهي.
مون کي ”شاپنگ“ ڪرڻي آهي.

مڙس: تو کي هاٿي موڪل ڏيان ٿو،
تو سان گڏجي مان بہ هلان ٿو،
تنهنجي ڪِٿ ڪِٿ ڪُٽي ناهي.
پھرين مون لئہ ڪِچٽي ٿاهي.

✦ ✦ ✦ ✦

# ”محبوب جي مهماني“

خوب ڪئي مون خاطري، اڄ دلربا جي دال سان.
”هيڊبو ڪُڪڙ“ هڪدم اچي حاضر ڪيم هن حال سان.

تي ياءُ ”ڪنڌ ٻائي“ سندو هُن کي وٽيو ڏاڍو گهڻو،
تي ابتدا دعوت سندس ڳُڙ جي پريل هڪ ٿالھ سان.

ڊاڪون ڏڪي آندم گهڻا، جيڪي هئا ڀرپور سڀ،
مرچون، مٽر، واڱڻ، ونگا، موريءَ بصر ٻي مال سان.

ماڏاڻ هُن جي پيٽ ۾ مرچن جڏهن آني وڌو،
تي اگهيا هُن لڙڪ لاڙي ليڙ جهڙي ٿوال سان.

ڪاڏا جڏهن هُن طعام سڀ، آندن ڪيس ”ايجيٽيشن“،
هرڻي جيان هڪ دم اٿي چِرڪي ڀڳو تي چال سان.

ويهي رهيو سندرو ٻَڌي، دلبر سندم در تي ادا!
مَس ٿاريو آ ”ٿالپر“ ، محبوب جو لب لال سان.

✦ ✦ ✦ ✦

# ”رسڪ“

اسان جي غذا او ادا! عشق آهي.
اوهان کي يلا چو ادا رشڪ آهي.

جڏهن يار جانب جو جلوو پسون ٿا،
نِڙي ٿي اسان جي تڏهن خشڪ آهي.

چون ٿا تہ جنهن کي ”مُلان“ آبِ ڪوثر،
اسان يار پيتو اهو اَشڪ آهي.

اسان سان نہ محبت ۾ ڪوئي ٽڪرندو،
اسان جي انهيءَ تي ڪيل مشق آهي.

عجيبن اسان تي ڪيو رعب جنهن دم،
پڙهي پوءِ سورت اسان ڪِسڪَ آهي.

قريبن جڏهن پي ڪئي آه ڪُٽائي،
ڪڏهن ين بولي اسان ٻِڙڪ آهي.

نہ سمجهو او سائين! ڪڏهن عشق سولو!
وڏي يار ڏاڍي اها ”رِسڪ“ آهي.

# ”رنگروٽ“

وتن رُلندا گھِتيون گھمندا اھي رنگروٽ روزانو.
ٽِلي ٽرڙا اھي ٽيڊي گسائن بوٽ روزانو.
ڏسي ڪا چيڪري چوڙي ھو ڳانا ٽا ائين ڳائن،
جئين ير ”ھينگندا“ آھن خچر ڪي چوٽ روزانو.
”ڪھاڙي ڪٽ“ تہ قَلمن سان ھزارين پيا ھلن ھر ھنڌ،
پايو، سي ٽا ماپن روڊ، سوڙھا سوٽ روزانو.
ڪَٽي ھو خير سان پوءِ ورن گھر شام جو واپس،
ڪُٽائي ڪَنڌ، ڪِياڙيون، پُٽا پڻ ٽونٽ روزانو.

✦ ✦ ✦ ✦

# ”سچائي ۾“

ڪريو پاسو وڃن سنگتي سيي سارا سچائي ۾،
”ٺڪي“ تي يي ٿتا پچن پيارا سچائي ۾.

اٿئون جيسين پريل ڪيسا ڏسون پڪچر ٿا روزانو،
سمهي ڪن ٿا نندون ڏاڍيون اسان پارا سچائي ۾.

ڏکيو ڏاڍو تہ گذري ٿو پويون هفتو مهيني جو،
وجهي فالون اسين ٿا پوءِ هٽون ڍارا سچائي ۾.

ڪندا هَن ڪمپني جيسين پساھ پاڪيٽ ۾ هوندو،
چڏيو ٿا پوءِ وڃن يارو دل وارا سچائي ۾.

ڪري هِت ٿاٿ ٿو هر ڪو هلي هفتو فقط پهريون،
پَون پوءِ ٿيو پڌرا اڇا ڪارا سچائي ۾.

✦ ✦ ✦ ✦

**نوٽ: هي نظم هاسٽل ۾ رهندڙ شاگردن لاءِ لکيو ويو.**

# ”محب مشڪي“

ڏٺم مُحب مُشڪي،
پيم روح رِسڪي.

وڃي پيچ پاتم،
سڄڻ ساڻ سِرڪي.

جهپي دل تہ مِنهنجي،
ويو باز ڦَرڪي.

پرين ٿاهي تِرڪڻ،
پيس تنهن ۾ تِرڪي.

اٿم هاڻ هر هر،
سندي عشق خشڪي.

پيئان روز آئون،
پيو ”جن“ و ”وسڪي“.

ادا عشق واري!،
اها راه رِسڪي.

چوي ”ٿالپر“ تو،
وڃو يار ڪِسڪي.

# ”اسين عشق وارا“

اسان عشق وارن جي دنيا نرالي.
سڏجون ٿا محبت سندا سپ موالي.

اسان کي تو گهُرجي نشو نينهن وارو،
نہ پنگ جي اسان کي کپي پُر پيالي.

اسان وٽ تہ الفت جو آهي خزانو،
اٿئون پر هي ”پاڪيٽ“ پيسن کا خالي.

تڏهن ئي تہ محبت کان محروم آهيون،
رڳو ٿا پُلاءَ پيا پچايون خيالي.

اسان مان هتي آهي بيزار هر ڪو،
دنيا مان اسان کي ملي آ نيڪالي.

چڏي سپ دنيا جا ڏنڌا پيا اي يارو!
اسان هاڻ سورن جي ”سروس سنپالي“.

ڪڏهن ـ ڪِل خوشي ۾ ڪڏهن لاڙڪ لاڙيون،
اسين پيار وارا تہ آهيون پورالي.

لکيو لڙڪ هاري نظم ”ٿالپر“ آ،
مزاحي مزيدار ۽ پڻ خيالي.

# پورو ٿيو.